# پیاري آقا جا
# پیارا نالا



28-September-2023

اجتماعِ میلاد 1445ھ (بارہویں شب) کا بیان

(Event Bayan for Islamic Brothers)

28 سيپٽمبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# پياري آقا جا پيارا نالا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... دوزخ جو حقدار جنتي ڪيئن بڻيو
- ... الله پاڪ جي سڀ کان پهرين رحمت...!
- ... منهنجا آقا هر لحاظ کان بي مثل آهن
- ... توهان ٻن ڏينهن ۾ مڪي پُڄي ويندؤ (واقعو)

پيشڪش
اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

اَلْقولُ البديع ۾ آهي: انتقال ڪان بعد حضرت ابو عباس احمد بن منصور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اهلِ شيراز مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو ته اهي مٿي تي موتين جو تاج سجائي جنّتي لباس پائي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن، خواب ڏسڻ واري عرض ڪيو: مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: مان ڪثرت سان دُرود شريف پڙهندو هيس، اهو ئي عمل ڪم اچي ويو جو الله پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي تاج پارائي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو.[1]

نکیرین کرتے ہیں تعظیم میری
فدا ہو کے تجھ پہ یہ عزّت ملی ہے
نہ کیوں کر کہوں یا حبیبی! اَغِثْنِی
اسی نام سے ہر مصیبت ٹلی ہے
تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رہائی کی چھٹی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضا کی
سِوا تیرے کس کو یہ قدرت ملی ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] القول البديع،صفحہ:123۔
2 حدائقِ بخشش،صفحہ:187-188 ملتقطًا۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس ❁ علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن پر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس ❁ ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس ❁ گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس ❁ هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس ❁ ۽ پياري آقا، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جي خوشي ۾ جهومي جهومي نعرا به لڳائيندس، جهنڊا به لهرائيندس، ذڪرِ مصطفٰي ٻڌي ڪري دل کي به ٺاريندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول!اڄ جشنِ ولادت جي عظيم، سهاني رات آهي ❁ اڄ اها رات آهي جو هن رات ۾ آسمان جا تارا زمين جي طرف مائل ٿي رهيا هئا ❁ اڄ اها رات آهي جنهن رات ۾ ملائڪن جي ججهه زمين تي لهي رهي هئي ❁ اڄ اها رات آهي جو هن رات زمين ۽ آسمان ۾ خوشيون ئي خوشيون هيون ❁ اڄوڪي رات اها رات آهي جو هن رات ۾ ڪعبة الله سلامي طور جهڪي ويو هو ❁ اڄوڪي رات اها رات آهي جو ملائڪن جي سردار جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبي جي ڇت تي جهنڊو لڳايو هو ❁ اڄ ان هستي جي آمد جي رات

[1] بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحيِ، صفحو:65، حديث:1۔

آهي جن جي آمد جي خوشخبري ڏيڻ ڪم و بيش هڪ لک 24 هزار انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جنهن جي آمد جون ڌومون عرش ۽ فرش، زمين ۽ آسمان ۾ مچايون ويون ۞ اڄ ان جي اچڻ جي رات آهي جيڪي الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ سان ملائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي اچڻ جي رات آهي جيڪي گمراهن کي سڌي واٽ ڏيکارڻ جي لاءِ آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي دلين کي نورِ ايمان سان جڳمڳائڻ لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي، جيڪي انسانيت کي نفس ۽ شيطان جي قيد مان ڇڏرائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي اچڻ جي رات آهي جيڪي ڪفر ۽ شرڪ جون پاڙون پٽڻ جي لا تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي پنهنجي نور سان دنيا کي جڳمڳائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ڪرم جا درياء وهائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ستلن کي جاڳائڻ، روئندن کي کلائڻ لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ڪِريلن کي اٿارڻ، دل ۽ جان کي زنده فرمائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جو جن کي ربّ ڪريم پنهنجي مُلڪ جو مالڪ بڻايو آهي ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جن جي قبضي ۾ ربّ ڪائنات جا خزانا آيا آهن ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي رَؤف بہ آهن، رَحِيۡم بہ آهن ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي نهايت سخي بہ آهن، ڪريم بہ آهن ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي غريبن جا سهارا بڻجي تشريف کڻي آيا ۞ اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار، گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ وارا، الله پاڪ جا حبيب و محبوب ۽ خليل بڻجي تشريف کڻي آيا آهن.

یہ کس شہنشہِ والا کی آمد آمد ہے  
یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے

یہ آج تارے زمیں کی طرف ہیں کیوں مائل  
یہ آسماں سے پیہم ہے نُور کیوں نازِل

یہ آج کیا ہے زمانے نے رنگ بدلا ہے  
یہ آج کیا ہے کہ عالَم کا ڈھنگ بدلا ہے

یہ آج کاہے کی شادِی ہے عرش کیوں جھوما  
لبِ زمیں نے لبِ آسماں کو کیوں چوما

رُسُل انہیں کا تو مژدہ سنانے آئے ہیں  
انہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں

فرشتے آج جو دھومیں مچانے آئے ہیں  
انہیں کے آنے کی شادِی رچانے آئے ہیں

یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں  
یہ حق کے بندوں کو حق سے ملانے آئے ہیں

یہ بھولے بچھڑوں کو رستے پہ لانے آئے ہیں  
یہ بھولے بھٹکوں کو ہادِی بنانے آئے ہیں

چمک سے اپنی جہاں کو جگمگانے آئے ہیں  
مہک سے اپنی یہ کُوچے بسانے آئے ہیں

یہی تو سوتے ہوؤں کو جگانے آئے ہیں  
یہی تو روتے ہوؤں کو ہنسانے آئے ہیں

انہیں خُدا نے کیا اپنے مُلک کا مالِک  
انہیں کے قبضے میں ربّ کے خزانے آئے ہیں

جو چاہیں گے جسے چاہیں گے یہ اسے دیں گے  
کریم ہیں یہ خزانے لٹانے آئے ہیں

سنو گے "لَا" نہ زبانِ کریم سے نوریؔ  
یہ فیض وجود کے دریا بہانے آئے ہیں (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بارگاهِ رسالت ۾ مقبول ڪتاب

نائين صدي هجري جا هڪ عظيم بزرگ گذريا آهن: حضرت علامہ محمد بن قاسم رَصّاع رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه. پاڻ پنهنجي دور جا تمام وڏا عالم ۽ قاضي هئا. پاڻ پياري آقا محبوب خدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن پيارن نالن متعلق هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو نالو آهي: تَذۡكِرَةُ الۡمُحِبِّيۡن. نهايت ئي پيارو ڪتاب آهي ۽ هي

1 ...سامانِ بخشش، صفحہ: 135-139 ملتقطاً۔

ڪتاب اسان جي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ مقبول به آهي. هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان اهو ئي ڪتاب پڙهي رهيو هيس، پڙهندي پڙهندي مون کي ننڊ اچي وئي، ظاهر طور اکيون بند ٿيون، دل جون اکيون کلي ويون، اَلحَمدُلله! پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت نصيب ٿي، پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ هڪ جاءِ تي ويٺا هئا صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان چوڌاري حلقو ناهي ويٺا هئا، اَلحَمدُلله! مون پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪئي، پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ مون کي پنهنجي هن مبارڪ مجلس ۾ ويهاريو، مون ڪان تلاوت به ٻڌي ۽ اهو ئي ڪتاب يعني تَذْكِرَةُ الْمُحِبِّيْن جيڪو منهنجي هٿ ۾ هو. ان جا ڪجھ صفحات ٻڌا، پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم اٿي تشريف کڻي ويا، جڏهن مان ننڊ مان جاڳيس تہ خوشي مان ڳوڙها وهي رهيا هئا.

(تذكرة المحبين، ص:۴۳)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي خوش نصيبي جي ڳالهہ آهي، الله پاڪ اسان کي بہ خواب ۾ ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نصيب فرمائي.

ہمارے دِل سے نکل جائے اُلفتِ دُنیا
دے دِل میں عشقِ محمد مرے رچا یارَبّ!
نبی کی دید ہماری ہے عید یااللہ!
عطا ہو خواب میں دیدارِ مصطفےٰ یارَبّ!

## دوزخ جو مستحق جنتي ڪيئن بڻيو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پياري ۽ بارگاهِ رسالت ۾ مقبول ڪتاب جي صفحي: 52 تي علامہ محمد بن قاسم رصّاع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: بني اسرائيل ۾ هڪ شخص هيو، تمام گھڻو گنهگار هو، نيڪي ڏانهن تہ ڪڏهن وڌندو ئي نہ هو، هو صرف ڏينهن رات گناهن ۾ گذاريندو هو، سندس سڄي زندگي ايئن ئي گناهن ۾ گذاري ڇڏي، آخر هڪ ڏينهن ان جو وقت پورو ٿيو، حضرت ملڪ

الموت تشريف کڻي آيا، ۽ ان جو روح قبض ڪري ورتو ۽ هي گنهگار انسان انتقال ڪري ويو. مرڻ کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ چڱي حالت ۾ ڏٺو، حيران ٿي پڇا ڪئي: هي حُسن و جمال، هي زيب و زينت، هي بُلند مقام توکي ڪيئن مليو؟ تون تہ وڏو گنهگار انسان هئين؟ ان چيو: (هائو! مان وڏو گنهگار هيس پر) هڪ ڏينهن مون تورات شريف کولي تہ ان ۾ الله پاڪ جي محبوب نبي، محمد بن عبدالله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ، ۽ سندن صفتون ڏٺيون تہ مون محبت سبب سندن نالو مبارڪ چمي ورتو ۽ مٿي تي رکي ورتو، سو اسمِ مصطفيٰ جي انهيءَ ادب جي برڪت سان الله پاڪ مون تي فضل و احسان فرمايو ۽ منهنجا سيئي گناه بخشي ڇڏيا.!

(تذکرة المحبين، ص:۵۲)

اعمال نہ دیکھے یہ دیکھا، محبوب کے کُوچے کا ہے گدا
خالق نے مجھے یوں بخش دیا، سُبحٰنَ الله! سُبحٰنَ الله!

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي منهنجي محبوب نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو..!! اَلحَمدُلله! اسان جا نبي، پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مشڪل ڪشاء بہ آهن. حاجت روا (حاجتون پوريون ڪرڻ وارا) بہ آهن. دافع البلاء(مصيبت دور ڪرڻ وارا) بہ آهن، هي تہ سندن شان آهي، اَلحَمدُلله! منهنجي ربّ ڪريم پنهنجي محبوب عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي مبارڪ کي بہ اها عظمت بخشي آهي جو سندن پيارو نالو مبارڪ حاجت روا بہ آهي. مشڪل ڪشاء بہ آهي. دنيا تہ دنيا رهي، هتي جي مشڪلاتن جي ڪهڙي اهميت آهي؟ اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا نالا ايترا تہ عاليشان آهن جو انهن جي برڪت سان دنيا ئي نہ قبر جون مشڪلاتون بہ ٽرنديون آهن، حشر جون مشڪلاتون بہ دور ٿينديون آهن. قيامت جي هولناڪين کان بہ نجات

ملندي آهي. پلصراط تي آساني بہ نصيب ٿيندي آهي. ۽ الله پاڪ جي فضل سان اسمِ مصطفيٰ جي برڪت سان گنهگار بخشش جي خيرات ماٽي جنت جا مستحق بہ بڻجي ويندا آهن.

جو چاہتے ہو کہ ہو سرد آتشِ دوزخ
دِلوں پر نقش محمد کا نام کرلینا
ملا ہے خوب ہی نسخہ گنہگاروں کو
تمہارے نام سے دوزخ حرام کرلینا

(قبالۂ بخشش، صفحہ:21۔)

## پياري نالن جي هڪ خاصيت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُللهِ! اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نهايت عاليشان رُتبي جا مالڪ آهن، هي حقيقت آهي تہ پاڻ سڳورن جو شان ۽ عظمت، سندن صفتون ۽ ڪمال اهڙا نہ آهن جو انهن ڪي شمار ڪري سگهجي. ڪنهن شاعر چيو آهي:

زندگیاں ختم ہوئیں اور قلم ٹوٹ گئے
تیرے اوصاف کا اِک باب بھی پُورا نہ ہوا

هي صرف شاعراڻو مبالغو ناهي بلڪ حقيقت آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بين صفتن ۽ ڪمالات جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي..!! الله پاڪ پنهنجي پياري نبي کي ايترا نالا ۽ صفتون عطا ڪيون آهن جو اسين انهن ڪي شمار بہ نٿا ڪري سگهون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا پيارا نالا ڪهڙا آهن؟ انهن جي معنيٰ ڇا آهي؟ انهن پيارن نالن ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪهڙو شان آهي؟ هي تہ بعد جي ڳالهہ آهي، عالم سڳورن هن ڳالهہ جي تحقيق ڪئي آهي تہ سندن نالن

جي ڪيتري تعداد آهي؟ سو وقت جي وڏن وڏن عالمن سڳورن هن حوالي سان محنت ڪئي، اسماءِ مصطفيٰ جي تعداد ڄاڻڻ جي لاءِ ڪوششون ڪيون ته 800 نالا مليا..!! پر قربان وڃو! هي تحقيق جي انتها نه هئي، ان ڪان بعد به وڌيڪ تحقيق جي گنجائش موجود هئي، آخر ۾ سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان تي تحقيق فرمائي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: مون ڪي مختلف ڪتابن ۾ روايتن جي روشني ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 1400 نالا مليا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نالن ڪي شمار ڪرڻ ناممڪن آهي.

(فتاویٰ رضويہ، ج:٢٨، ص:٦٥، لائبريری)

سُبۡحٰنَ الله! هي ته صرف نالا ڳڻڻ جي ڳالھ آهي! الله ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيترا نالا عطا فرمايا آهن؟ اسان جھڙا عام انسان ته ڳڻي به نٿا سگهن. پوءِ انهن نالن جون ڪهڙيون معنائون آهن؟ انهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪهڙن ڪهڙن شانن جو بيان آهي؟ وري ان ڪان علاوه پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون صفتون ۽ ڪمال ڪهڙا آهن؟ انهن کي ڪير شمار ڪري سگهي ٿو..؟ آخر عشق ۽ عقل اهو ئي فيصلو ڪري ٿو:

تیرے تو وَصف عیب تناہی سے ہیں بری
حیراں ہوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے

حدائقِ بخشش، صفحہ:175۔

**وضاحت:** ڪنهن شيءِ جو ختم ٿي وڃڻ به هڪ طرح عيب هوندو آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوب کي هر عيب کان پاڪ رکيو آهي جو اعليٰ حضرت عرض رهيا آهن: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جا وصف، اوهان جون خوبيون ختم ٿيڻ جي عيب کان به پاڪ آهن، مان حيران آهيان ته اوهان جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون بيان ڪيان.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# الله پاڪ پنهنجا صفاتي نالا پنهنجي محبوب کي عطا ڪيا

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ڳالهه تي ٿورو غور ڪيو! نالو منهنجو بہ آهي، نالو اوهان جو بہ آهي، دنيا ۾ هر انسان جو، هر شيءِ جو ڪونہ ڪو نالو تہ هوندو ئي آهي پر غور جو مقام آهي تہ ڇا منهنجي نالي جي ڪا خاصيت آهي؟ مثلاً ڪنهن شخص جو نالو زيد آهي، ان ماڻهو جو نالو زيد هجڻ ۾ ان جي ڪهڙي خاصيت ٿي سگهي ٿي؟ ڪجهہ بہ نہ...!! رڳو نندپڻ ۾ والدين سندس نالو زيد رکي ڇڏيو هو سُو اهو ئي نالو هاڻي تائين هلندو پيو اچي. پر قربان وڃجي! اسان جي آقا و مولٰي، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شان نرالو آهي. الله ڪريم پاڻ کي بيشمار نالا تہ عطا فرمايا، ان سان گڏوگڏ انهن پاڪيزه نالن ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهڙين خوبين سان بہ نوازيو آهي جو پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي نالن جي لحاظ سان بہ بي مثل ۽ بي مثال آهن.

**پاڻ ڪريم** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خاصيتن کي ئي جيڪڏهن شمار ڪيو وڃي تہ هي خاصيتون ئي اسان جي عقل و فهم کان ٻاهر آهن. مثال طور تي مان اوهان جي سامهون حضُور اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري نالن جي صرف هڪ خاصيت عرض ڪيان ٿو: قاضي عياض مالڪي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: منهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا بيشمار نالا آهن، انهن نالن مان 30 نالا اهي آهن جيڪي اصل ۾ الله پاڪ جا نالا آهن پر ربّ ڪريم اهي نالا پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي بہ عطا فرمايا آهن. (مواہب اللدنیہ، ۱/۴۴۴ ملتقطاً)

وہ نامی کہ نامِ خدا نام تیرا
رَءُوف و رَحِیْم و عَلِیْم و علی ہے

**وضاحت:** يعني اي محبوبِ خُدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان ايڏي وڏي شان وارا آهيو جو اللّٰه پاڪ پنهنجي نالن مان ڪيترائي نالا اوهان کي عطا ڪيا آهن. مثلاً رَؤُوف اللّٰه پاڪ جو نالو آهي، اللّٰه ڪريم هي نالو اوهان کي بہ عطا فرمايو آهي. رَحِيۡمُ اللّٰه پاڪ جو نالو آهي، ربّ ڪائنات هي نالو اوهان کي بہ عطا فرمايو آهي. عَلِيۡم (علم وارو) نالو اللّٰه جو آهي، ربّ پاڪ هي نالو اوهان کي بہ عطا ڪيو آهي، انهيءَ طرح عَلِي (يعني بلند و بالا)، هي نالو اللّٰه پاڪ جو آهي ۽ ربّ ڪريم هي نالو اوهان کي بہ عطا فرمايو آهي.

واہ کیا مرتبہ ہوا تیرا ... تُو خُدا کا خُدا ہوا تیرا
تاج والے ہوں اس میں یا محتاج ... سب نے پایا دیا ہوا تیرا
ذات بھی تیری انتخاب ہوئی ... نام بھی مصطفٰے ہوا تیرا
بزمِ دُنیا میں، بزمِ محشر میں ... نام کس کا ہُوا ہُوا تیرا
ایسی شوکت کے تاجدار کہاں ... تخت تختِ خدا ہوا تیرا
اس جلالت کے شہریار کہاں ... مُلک مُلکِ خدا ہوا تیرا
اس وجاہت کے بادشاہ کہاں ... حکم حکمِ خدا ہوا تیرا(1)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسماءالحُسنيٰ جا مظهر

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ جي پياري پياري نالن ۾ 30 نالا اهي آهن جيڪي حقيقت ۾ اللّٰه پاڪ جا نالا آهن ۽ اهي نالا ئي اللّٰه پاڪ پنهنجي

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:68-69-70-72 ملتقطاً۔

محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايا. يعني رَؤُوْف الله پاڪ جو نالو آهي، حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي بہ رَؤُوْف چئي سگھون ٿا. رَحِيۡمُ الله پاڪ جو نالو آهي، حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي بہ رَحِيم چئي سگھون ٿا. عَلِيۡم الله پاڪ جو نالو آهي، حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي بہ عَلِيۡم چئي سگھون ٿا. مطلب تہ الله پاڪ جا 30 نالا اهي آهن جيڪي الله تعالي پنهنجي محبوب کي عطا فرمايا آهن.

هاڻي ٿورو هن ڪان هڪ قدم اڳتي وڌون ٿا! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: الله پاڪ جا جيڪي اَسۡماءُ الحسنيٰ آهن، يعني الله پاڪ جا پيارا پيارا 99 نالا جيڪي قرآن ۽ حديث ۾ ذڪر ٿيل آهن، اهي نالا الله پاڪ جا آهن، اهي صفتون الله پاڪ جون آهن. جيتوڻيڪ اهي نالا ڪنهن ٻي جي لاءِ نٿا چئي سگھجن پر انهن نالن اندر جيڪي صفتون موجود آهن، ربّ ڪائنات انهن تمام اَسۡماءُالحسنيٰ جو مظهر (يعني نمونو ۽ نشاني) پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي بڻايو آهي.

(الحقیقۃ المحمدیہ، القسم الثانی،اتصاف النبی بالاسماء الالھیۃ،صفحہ:171خلاصتًہ)

## رحمٰن جي پاڪ نالي جو مظهر

مثال طور الله پاڪ جي اَسۡماءُ الحسنيٰ ۾ هڪ پيارو پيارو نالو آهي: اَلرَّحۡمٰن. قرآن ڪريم ۾ بہ ان جو ڪيئي ڀيرا ذڪر آيو ۽ نهايت مشهور نالو آهي، ان نالي جي پوري سورت قرآن ڪريم ۾ موجود آهي. هاڻي هي لفظ رحمٰن...!! هي الله پاڪ جو نالو آهي، الله پاڪ ڪانسواءِ اسان ڪنهن کي بہ رَحۡمٰن نٿا چئي سگھون. اسان وٽ ڪجھ ماڻهو پنهنجي ٻارن جو نالو عبدالرحمٰن رکندا آهن پر انهن کي رحمٰن چئي سڏيندا آهن، هي غلط آهي، رَحۡمٰن الله پاڪ جو نالو آهي ۽ الله پاڪ سان خاص آهي.

رحمٰن (يعني نهايت مهربان هجڻ) هي صفت الله پاڪ جي آهي، هي نالو الله جو آهي، جڏهن هي زمين نه هئي، آسمان نه هو، سج چنڊ تارا نه هئا ڪجهه به نه هو، مخلوق جو وجود ئي نه هو، اللّٰه پاڪ ان وقت رحمٰن هو، اهو هميشه جي لاءِ رحمٰن رهندو پر غور طلب ڳالهه اها آهي: الله پاڪ رحمٰن آهي پر جڏهن ربّ ڪريم پنهنجي رحمتن کي مخلوق تي وسائڻ چاهيو، پنهنجي رحمٰن هجڻ کي ظاهر ڪرڻ جو اِرادو فرمايو ته ڇا ڪيو: هن صفتِ رحمٰن کي ڪيئن ظاهر فرمايو؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾

(پ 17، الانبياء:107)

ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رَحمت بڻائي ئي موڪليو.

هي ربّ رحمٰن جي صفتِ رحمٰن جو سڀ کان وڏو ظهور آهي، جڏهن الله پاڪ پنهنجي صفت رحمٰن کي ظاهر ڪرڻ جو اِرادو فرمايو ته پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان صفت جو مظهر (يعني نشاني ۽ نمونو) بڻائي ڇڏيو ته پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِيْن هجڻ الله پاڪ جي صفت رحمٰن جو اظهار آهي.

مان هي ڳالهه اوهان کي ٿورو واضح ڪري ٻڌايان ٿو، ڏسو! ❁اللّٰه پاڪ انسانن جي لاءِ رحمٰن آهي، اسان کي ان جي خبر ڪيئن پوندي ته الله پاڪ انسانن جي لاءِ رحمٰن آهي؟ خبر ايئن پوندي ته الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انسانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي. ❁ الله پاڪ ملائڪن جي لاءِ رحمٰن آهي، ان جو ظهور ڪيئن ٿيو؟ ان جو ظهور ايئن ٿيو ته الله پاڪ

پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي ملائڪن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو. ❁ الله پاڪ زمين ۽ آسمان جي لاءِ رحمٰن آهي، ان جو اِظهار هيئن فرمايو تہ زمين ۽ آسمان جي لاءِ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي رحمت بڻائي موڪليو. ❁ الله پاڪ تمام مخلوق جي لاءِ رحمت آهي، ان جي خبر ڪيئن پئي؟ هن طرح جو ان تمام مخلوق جي لاءِ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي رحمت بڻايو آهي. ❁ الله پاڪ عالمِ اَرواح جي لاءِ رحمٰن آهي تہ ربّ ڪريم روحن جي لاءِ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي رحمت بڻايو. ❁ الله پاڪ عالمِ برزخ وارن جي لاءِ رحمٰن آهي تہ ان پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي عالم برزخ وارن جي لاءِ رحمت بڻائي ڇڏيو. ❁ ۽ حقيقت اها آهي تہ الله پاڪ جي صفت رحمٰن جو اصل ظهور قيامت جي ڏينهن ٿيندو ڇوتہ حديث مبارڪ ۾ آهي هن دنيا ۾ الله پاڪ جي صرف هڪ ئي رحمت جو ظهور آهي، قيامت جي ڏينهن ربّ ڪريم جي 100 رحمتن جو ظهور ٿيندو، لهٰذا قيامت جي ڏينهن اصل ۾ ربّ ڪريم جي صفتِ رحمٰن جي ظهور جو ڏينهن آهي سو الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي قيامت جي ڏينهن جي لاءِ بہ رحمت بڻايو آهي. پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِيْن هجڻ جي ظهور جو اصل ڏينهن بہ قيامت جو ئي ڏينهن هوندو. ڪيس لِوَاءُ الْحَمْد عطا ڪيو ويندو. مقامِ محمود تي فائز فرمايو ويندو. شفاعت ڪبريٰ جو منصب حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي ئي عطا ٿيندو. ڪي پنهنجا هجن يا پرايا، اڳيان هجن يا پويان سيئي حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي شفاعت جو سوال ڪندا. حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمائيندا اَنَا لَهَا يعني ها! مان ئي هن جي لاءِ آهيان (مون کي سڄي جهانن جي لاءِ رحمت بڻايو ويو آهي.)

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا
ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا

دِکھائی جائے گی محشر میں شانِ محبوبی
کہ آپ ہی کی خوشی، آپ کا کہا ہو گا

خُدائے پاک کی چاہیں گے اگلے پچھلے خوشی
خُدائے پاک خوشی ان کی چاہتا ہو گا

خُدائی بھر انہی ہاتھوں کو دیکھتی ہو گی
زمانہ بھر انہیں قدموں پہ لوٹتا ہو گا

بنی ہے دم پہ، دُہائی ہے تاج والے کی
یہ غُل، یہ شور، یہ ہنگامہ جا بجا ہو گا

میں ان کے در کا بھکاری ہوں فضلِ مولیٰ سے
حسنؔ فقیر کا جنّت میں بسترا ہو گا

(ذوقِ نعت)

پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي، رحمٰن الله پاڪ آهي، هي صفت ٻه الله پاڪ جي آهي، نالو ٻه الله پاڪ ئي جو آهي، الله پاڪ کان سواءِ ڪنهن کي ٻه رحمٰن نٿا چئي سگهون پر الله پاڪ هن صفت جو مظهر پنهنجي محبوب کي بڻايو آهي.

## الله پاڪ جي سيني کان پهرين رحمت

**هاڻي** انهيءَ ساڳي ڳالهه کي ٻئي نقطي نظر سان ڏسو! الله پاڪ رحمٰن آهي، ان جون بيشمار رحمتون آهن، مون تي الله پاڪ جون ڪيتريون رحمتون آهن، توهان تي الله پاڪ جون ڪيتريون رحمتون آهن، هن سڄي جهان تي الله پاڪ جون ڪيتريون رحمتون آهن، انهن کي اسين شمار ڪري ئي نٿا سگهون، پر هڪ سوال آهي: الله پاڪ اسان تي جيڪي ايتريون ساريون رحمتون فرمايون آهن، انهن مان سيني کان پهرين رحمت ڪهڙي آهي؟

ان جو جواب آهي: وُجُود. مون تي الله پاڪ جي سڀ کان پهرين رحمت اها هئي تہ الله پاڪ مون کي وجود عطا فرمايو، آءُ نہ هيس، الله پاڪ مون کي پيدا فرمايو، انهي طرح هي سڀ مخلوق، زمين، آسمان، چنڊ، سج، تارا، انسان، جنّ، ملائڪ، هوا، باهہ، پاڻي، وڻ، پکي، هن سموري مخلوقات تي الله پاڪ جي سڀ کان پهرين رحمت اها آهي تہ ان ربّ رحمٰن ان سموري مخلوقات کي وُجود عطا فرمايو آهي، جيڪڏهن اسان جو وجود ئي نہ هجي ها تہ يقينن اسان جي حق ۾ رحمت جو ڪو تصور ئي نہ هجي ها.

هاڻي ڏنو وڃي تہ الله پاڪ تمام مخلوقات تي سڀني کان پهرين جيڪا رحمت نازل فرمائي، ان رحمت فرمائڻ جو ڪهڙو طريقو هيو، ڇا انداز هو؟ ان تي غور ڪيو! حديث شريف ۾ آهي، منهنجي ۽ اوهان جي آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللهُ نُوْرِی وَ کُلُّ شَيْءٍ خُلِقَ مِنْ نُوْرِی يعني سڀني کان پهريان الله پاڪ منهنجي نور کي پيدا فرمايو ۽ منهنجي نور مان تمام مخلوق کي پيدا فرمائي ڇڏيو.

(مطالع المسرات ، الحزب الثانی فی یوم الثلاثاء،صفحہ:225۔)

سُبْحٰنَ الله! هي آهي اسان جي آقا و مولي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نرالي شان....!! پاڻ الله پاڪ جي صفتِ رحمٰن جا ڪامل مظهر آهن، ايستائين جو الله پاڪ تمام مخلوق تي پنهنجي رحمت فرمائي ڪري انهن کي وجود بخشيو هو، حالانڪ الله پاڪ ڪنهن جو محتاج نہ آهي، اهو بي نياز آهي پر الله پاڪ کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ئي ڪجهہ اهڙي آهي جو ان رحمٰن و رحيم مخلوقات تي پنهنجي سڀ کان پهرين رحمت بہ پنهنجي محبوب نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذريعي فرمائي آهي.

تم سے کھلا بابِ جُود، تم سے ہے سب کا وُجُود
تم سے ہے سب کی بقا تم پہ کروڑوں درود

وضاحت! يارسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ! الله پاڪ جي رحمتن ۽ جود ۽ عطا جو دروازو اوهان جي صدقي ئي کليو آهي، اوهان جي ئي صدقي سيني کي وجود مليو آهي، اوهان ئي جي صدقي سيني کي بقا مليل آهي، اي اهڙي شان وارا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ! اوهان تي ڪروڙين درود ۽ سلام هجن.

خبر پئي، رحمٰن نالو ته الله پاڪ جو آهي، صفت الله پاڪ جي آهي پر الله پاڪ پنهنجي محبوب نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کي هن اسمِ مبارڪ جو ڪامل مظهر بڻايو آهي.

## پاڪ نالي اَلسّلام جا مظهر

انهيءَ طرح الله پاڪ جي اَسماءُ الحسنيٰ ۾ هڪ پيارو پيارو نالو اَلسَّلامُ به آهي، ان جي معنيٰ آهي: سلامتي عطا فرمائڻ وارو. الله پاڪ پنهنجي هن اسمِ مبارڪ جو مظهر پنهنجي محبوب کي به بڻايو آهي، غور فرمايو! ❁ پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آڻڻ کان اڳي قومن تي عذاب به ايندا هئا ❁ گنهگارن جا منهن بگاڙيا ويندا هئا. ❁ ڪين زمين ۾ دٻايو ويندو هيو. ❁ انهن کي زلزلن ذريعي تباه ڪيو ويندو هو، ❁ انهن کي انتارين سان اُڏائي زرا پُرزا ڪيو ويندو هو پر جڏهن مڪي مدني سلطان صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ اسمِ خدا اَلسَّلامُ جا مظهر بڻجي ڪري تشريف ڪٺي آيا، ته قومن تي مجموعي عذاب اچڻ بند ٿي ويا. (الحقيقة المحمديہ، ص:۱۷۴ملخصا) ❁ ايستائين جو هڪ ڀيرو غير مسلمن پاڻ الله پاڪ کي پڪاري چيو: اي الله پاڪ! اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ، اسان تي دردناڪ عذاب نازل فرماءِ پر الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنْتَ فِيهِمْ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله جو هي شان ناهي ته انهن کي عذاب ڏي جيستائين اي حبيب! اوهان انهن ۾ تشريف فرما هجو. |

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي آهي اللّٰه پاڪ جي نالي مبارڪ اَلسَّلامُ جو ڪامل مظهر هجڻ، جڏهن ڪان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا، هر طرف امن پکڙجي ويو، قومن تي عذاب اچڻ بند ٿي ويا. ۽ ماڻهن کي سلامتي نصيب ٿي.

بے ہنر و بے تمیز کس کو ہوئے ہیں عزیز ایک تمہارے سوا، تم پہ کروڑوں درود
گندے نکمے کمین، مہنگے ہوں کوڑی کے تین کون ہمیں پالتا تم پہ کروڑوں درود
باٹ نہ در کے کہیں، گھاٹ نہ گھر کے کہیں ایسے تمہیں پالنا تم پہ کروڑوں درود
اپنے خطاواروں کو اپنے ہی دامن میں لو کون کرے یہ بھلا تم پہ کروڑوں درود[1]

## گناهن جي پردہ پوشي

روايتن ۾ آهي: هڪ ڀيري صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! بني اسرائيل اسان ڪان وڌيڪ عزت وارا هئا، انهن مان جڏهن ڪو ماڻهو گناهه ڪندو هو تہ صبح جو سندن دروازي تي اهو گناهه ۽ ان گناهه جو ڪفارو لکيل هوندو هو. (يعني انهن کي گناهه ڪرڻ تي يڪدم ڏيڇاريو ويندو هو، جنهن سان هُو گناهن جا عادي ٿيڻ ڪان بچي ويندا هئا، ايئن ئي جيڪڏهن انهن کي پنهنجي گناهه تي ذلت ٿيندي بہ هئي تہ اها ذلت دنيا جي عارضي زندگي ۾ هئي، اهي ڪفارو ڏئي ڪري آخرت جي ذلّت ڪان بچي ويندا هئا؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: اَلَا اُخْبِرُكُم بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكَ ڇا مان توهان کي هن ڪان بہ بهتر شيءِ نہ ٻڌايان؟ پوءِ پاڻ سڳورن هي آيت ڪريمہ تلاوت فرمائي.

(اسباب النزول للواحدی، تحت الآيہ)

---

1...حدائق بخشش، صفحہ:267-270ملتقطاً۔

وَالَّذِينَ إِذَا فَعَلُوا فَاحِشَةً أَوْ ظَلَمُوا أَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللَّهَ فَاسْتَغْفَرُوا لِذُنُوبِهِمْ وَمَنْ يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا اللَّهُ

ترجمو كنزالعرفان: ۽ اهي ماڻهو جو جڏهن كنهن بي حيائي كي كري وٺن يا پنهنجي جانن تي ظلم كري وٺن ته الله كي ياد كري پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ۽ الله كان سواءِ كير گناهن كي معاف كري سگهي ٿو.

سُبْحٰنَ اللہ! هي آهن اهي سلامتيون جيكي محبوب كريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ عطا ٿيون آهن، مطلب ته هُو بني اسرائيل هئا، انهن مان جڏهن كو گناهه كندو هو ته ان جو گناهه ظاهر ٿي ويندو هو، اهو انسان كفارو ادا كري آخرت جي عذاب كان بچي ويندو هو پر هن دنيا ۾ ان كي ذلّت جو منهن ڏسڻو پوندو هو پر هاڻي دستور نرالو آهي، هاڻي ته

آئی نئی حکومت سِکّہ نیا چلے گا
عالَم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ وِلادت

هاڻ سلامتين وارا نبي تشريف آڻي چكا آهن، هاڻي كو گناهه كري ويهي ته ان جي پيشاني تي گناهه لكيو ناهي ويندو، ان جي دروازي تي ان جو گناهه ظاهر ناهي كيو ويندو بلكه الله پاك ان جي گناهه تي پردو ركي ڇڏيندو آهي، ان كي توبه ۽ استغفار جو موقعو ڏنو ويندو آهي، پهريان قانون ئي ٻيو هو، هاڻي قانون بدلجي ويو آهي، هاڻي گناهه ٿي وڃي ته كنهن تي ظاهر كرڻ جي ضرورت ناهي، اكيلي ۾ ويهي، ماڻهن كان لكي كري ربّ پاك جي دربار ۾ توبه كيو! شرمندگي ۽ ندامت جا ڳوڙها ڳاڙيو! دنيا ۾ رسوائي به نه ٿيندي، گناهه معاف كيو ويندو ۽ آخرت جي عذاب كان به نجات ملي ويندي.

هي آهن الله پاك جي پياري نالي اَلسَّلامُ جا مظهر نبي، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَالِهٖ

وَسَلَّم تشريف کڻي آيا، هاڻي سلامتي ئي سلامتي آهي.

ڈر تھا کہ عصیاں کی سزا، اب ہوگی یا روزِ جزا

دِی اُن کی رحمت نے صدا، یہ بھی نہیں، وہ بھی نہیں

وضاحت: اسان ڏِجي رهيا هئاسين، افسوس! گناهہ تہ ڪري ويناسين، نفس و شيطان جي دوکي ۾ تہ اچي وياسين، افسوس! نہ ڄاڻ هاڻي اسان جي متعلق ڇا فيصلو ٿيندو، خبر ناهي هن دنيا ۾ ذلّت ۽ رُسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو يا قيامت واري ڏينهن عذاب ۾ گرفتار ٿينداسين. اسان هن خوف ۾ ورتل هئاسين، رحمت واري نبيءَ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي رحمت تسلي ڏيندي فرمايو: هي بہ نہ، هُو بہ نہ، اي رحمت واري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جا اُمتيو! گهبرايو نہ، توهان هن دنيا ۾ بہ ان جي عفو و ڪرم سان ڍڪيل آهيو، قيامت جي ڏينهن بہ شفاعت ڪري توهان کي جنت ۾ پهچائيندا.

سَحابِ کرم روانہ کیے کہ آبِ نِعَم زمانہ پیے

جو رکھتے تھے ہم وہ چاک سیے، یہ سِتْرِ بَدَاں تمہارے لئے [1]

وضاحت: يعني يارسول اللهﷺ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ ڪرم جا ڪڪر موڪليا، ماڻهن تي نعمتن جي برسات ڪئي، اسان گنهگار جيڪي گناهن ۾غرق هئاسين، اسان جا ڦاٽل: ڳِلا سبيا ويا، يعني گناهن تي پردا وڌا ويا، اي محبوب ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم اسان بُڇڙن ۽ گنهگارن جي جيڪا پرده پوشي ٿي آهي، هي اوهان جو صدقو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا جا پيارا نالا

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪي چند مثالون هيون، ان گفتگو جو حاصل

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:349۔

۽ خلاصو هي آهي تہ ❁ هڪ تہ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بيشمار نالا عطا فرمايا آهن. ❁ پوءِ ان سان گڏو گڏ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن نالن ۾ ڪيترين ئي خوبين سان بہ نوازيو ويو آهي. ❁ الله پاڪ جا اسماءُ الحسنيٰ يعني پيارا نالا، انهن مان 30 نالا تہ اُهي آهن جيڪي ربّ ڪريم اهي نالا ئي پنهنجي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايا آهن. ❁ پوءِ الله جا جيڪي 99 اَسماءُالحسنيٰ آهن، ربّ ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن 99 نالن جو ڪامل نمونو بڻايو آهي.

هي پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري نالن جون چند خوبيون هيون، هاڻي اچو! پاڻ ڪريمن صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪجھ پيارا نالا ۽ انهن جي ٿوري وضاحت بہ ٻڌون ٿا.

## (1) مبارڪ نالو: محمد

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَامُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ (پاره:4، آل عمران:144) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ محمد تہ هڪ رسول آهي. |

هن آيت ڪريمہ ۾ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا 2 نالا مبارڪ بيان ٿيا آهن: (1) مُحَمّد (2) رسول

مبارڪ نالو مُحَمّد، رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڀني کان مشهور، نهايت ئي عظمتن وارو، برڪتن وارو نالو آهي. هن مبارڪ نالي جي جيڪڏهن تفصيل ڪئي وڃي تہ سڄو بيان ئي انهيءَ تي ٿي سگھي ٿو، عالم سڳورن هن نالي مبارڪ جي عظمت ۽ برڪت تي پورا پورا ڪتاب لکيا آهن، هتي مختصر طور تي هن نالي مبارڪ جي متعلق صرف هڪ ئي مدني گل بيان ڪيان ٿو، قبول ڪندا!

# مُحَمّد نالي جي معنيٰ

قاضِ عياض مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جا 2 مبارڪ نالا احمد ۽ مُحمّد بہ ئي حمد مان ٺٽيا آهن ۽ انهن ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي ٻن عظمتن جو بيان آهي، احمد جو مطلب آهي: اَجَلُّ مَنْ حَمِدَ يعني (اڄ تائين الله پاڪ جي جنهن جنهن تعريف ڪئي آهي، چاهي اهي انسان هجن، جنّ هجن، ملائڪ هجن، زمين و آسمان ۾ ڏني ويندڙ ڪا بہ مخلوق هجي، وڻ، پن، حيوان، پکي، سيئي شيون الله جي حمد ڪن ٿيون، انهن سڀني ۾) سڀني کان وڌيڪ الله پاڪ جي حمد جنهن هستي ڪئي آهي، ان کي مُحمّد چون ٿا.

ايئن ئي نالي مبارڪ محمد جو مطلب آهي: اَفْضَلُ مَنْ حُمِدَ يعني (اڄ تائين جنهن جنهن جي تعريف ڪئي وئي آهي، جنهن جنهن لحاظ کان بہ تعريف ڪئي وئي آهي، انهن ۾) سڀني کان وڌيڪ جنهن هستي جي تعريف ڪئي وئي، ان جو اسم مبارڪ مُحَمَّد آهي.

(ڪتاب الشفاء،الباب الثالث،فصل فی اسمائہ صلی اللہ علیہ وسلم...الخ،جز:1،صفحہ:176۔)

وڌيڪ فرمائن ٿا: پوءِ معلوم ٿيو، سڀني کان وڌيڪ حمد ڪرڻ وارا منهنجا محبوب آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم آهن، ڪائنات ۾ سڀني کان وڌيڪ جن جي تعريف ڪئي وئي اهي بہ منهنجا آقا آهن، قيامت جي ڏينهن لِوَاءُ الحمد (يعني حمد جو جهنڊو) بہ حضور صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کي ئي عطا ڪيو ويندو، مقام محمود بہ حضور صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيو ويندو، پوءِ قيامت جي ڏينهن اڳيان پويان سيئي پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ئي جي تعريف ڪندا، قيامت جي ڏينهن پاڻ سڳورا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي اهڙي حمد ڪندا جو ڪڏهن ڪنهن اهڙي حمد نہ ڪئي هوندي، تنهنڪري هي منهنجا محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ئي آهن جن کي محمد ۽ احمد چئي سگهجي ٿو.

(ڪتاب الشفاء،الباب الثالث،فصل فی اسمائہ صلی اللہ علیہ وسلم...الخ،جز:1،صفحہ:177ملتقطًا۔)

مُحَمَّد ہی مُحَمَّد ہیں جہاں میں | مُحَمَّد کے ہیں جلوے ہر زماں میں

## هر هڪ جو سهارو نالو مُحمّد

مَواهبُ اللّدُنّية ۾ آهي: الله پاڪ جڏهن عرش اعظم کي تخليق فرمايو تہ عرش تي الله پاڪ جي جلال جي ڪري هيبت طاري هئي، عرش ڏڪي رهيو هو، پوءِ ان تي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ لکيو ويو، ان سان عرش جي هيبت ويتر وڌي وئي، وڌيڪ ڏڪڻي طاري ٿي وئي هاڻي ان تي مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ لکيو ويو، رحمتِ ڪُل جهان، محبوب رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي مبارڪ جي برڪت سان عرشِ اعظم جي اها هيبت واري ڪيفيت ختم ٿي وئي، عرش اعظم کي راحت ملي وئي.

(مواہب اللدنیہ، المقصدالخامس:الاسراءوالمعراج، جلد:2، صفحہ:388۔)

میم مئے توحید پِلائے | اور حا حق سے آ کے مِلائے
دوسری میم مراد دِلائے | اور یہ دالِ مُحَمَّد یارو

دور کرے آلام، شہد سے میٹھا مُحَمَّد نام

میم سے ہے ہر دکھ کا مداوا | حا ہے حامیٔ ہر بیچارہ
دوسری میم یتیم کی ملجاء | دال بچا کر دوزخ سے

فردوس کا دے پیغام، شہد سے میٹھا مُحَمَّد نام

میم سے ہیں محبوب وہ رَبّ کے | حا سے حاکم عرب و عجم کے
دوسری میم سے مالِک سب کے | دال سے داتا دونوں جہاں کے

جود ہے ان کا عام، شہد سے میٹھا مُحَمَّد نام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) اسم مبارڪ: اَلرّسُول

پيارا اسلامي ڀائرو! منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پيارو نالو اَلرَّسُوۡل بہ آهي. اصطلاح ۾ رَسُول اُن نبي کي چوندا آهن جيڪو نئين شريعت آڻي. جيئن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام نبي آهن، رسول بہ آهن جو سندن تي تورات شريف نازل ٿيو ۽ سندن نئين شريعت آندي، ايئن ئي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام نبي بہ آهن، رسول بہ آهن، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تي بہ نئين شريعت لاٿي وئي. اهڙي طرح اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نبي بہ آهن، رسول بہ آهن جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي اچڻ سان گذريل تمام شريعتون منسوخ ٿي ويون، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نئين شريعت عطا ڪئي وئي.

## پياري آقا جي شانِ رسالت

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ ڪيترا نبي ۽ رسول آيا، اسان انهن جي تعداد مقرر نٿا ڪري سگهون، البتہ! عالم سڳورا ايئن چون ٿا تہ گهٽ مان گهٽ 1 لک چوويهہ هزار انبياءِ ڪرام تشريف ڪٽي آيا، انهن مان 313 رسول آهن. هاڻي ذهن ۾ سُوال هي پيدا ٿئي ٿو تہ رسول ڪُل 313 آهن تہ پوءِ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو پاڪ اَلرَّسُوۡل ڪيئن ٿي سگهي ٿو.؟ رسول تہ 313 آهن، انهن سڀني جو نالو اَلرَّسُوۡل ٿي سگهي ٿو؟ پر اوهان قرآن ڪريم پڙهو! سورت فاتحہ کان سورت والناس تائين پڙهو! قرآن ڪريم ۾ جتي جتي صرف اَلرَّسُوۡل آيو آهي، ان سان گڏ ڪنهن جو بہ نالو ذڪر ناهي ڪيو ويو تہ ان مان مراد حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن، جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جو ذڪر ڪرڻو هوندو آهي تہ ان سان گڏ

سندس نالو بہ ذڪر ويندو آهي، يعني جڏهن صرف لفظ اَلرَّسُوْل ذڪر ڪيو ويندو تہ ان مان مراد رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي مراد هوندا.

(تفسيرِ نعيمی ، پاره:3،آل عمران، زيرِ آيت:81، جلد:3، صفحہ:591 خلاصۃً۔)

آخر سبب ڇا آهي؟ ان جو سبب هيءُ آهي تہ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رسول بہ بڻايو آهي تہ بي مثل و بيمثال بڻايو آهي.

علماءُ ڪرام قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ صاف صاف لکيو آهي تہ اصل ۾ جن کي رسول بڻائڻو هو، اهي اسان جا آقا و موليٰ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، اصل ۾ جن کي نبوت جو تاج عطا ڪرڻو هو، اهي اسان جا پيارا نبي آهن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سواءِ جن جن کي نبوت عطا ٿي، جن جن کي رسالت ڏني وئي، نبوت انهن جي بہ اصلي آهي، رسالت انهن جي بہ حقيقي آهي پر انهن کي نبوت ۽ رسالت جو جيڪو تاج پارايو ويو اهو اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ پارايو ويو. ڏسو! قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ياد ڪيو جڏهن الله نبين کان وعدو ورتو. |

ڪنهن کان وعدو ورتو؟

| | |
|---|---|
| النَّبِيّٖنَ | ترجمو ڪنزالعرفان: نبين کان |

ڪهڙو وعدو ورتو؟

| | |
|---|---|
| لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّحِكْمَةٍ | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ مان توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪندس. |

پوءِ ڇا ٿيندو؟

ثُمَّ جَاءَكُمْ رَسُولٌ مُصَدِّقٌ لِمَا مَعَكُمْ

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ توهان وٽ اهو عظمت وارو رسول تشريف ڪٽي ايندو، جيڪو توهان جي ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارو هوندو.

هاڻي الله پاڪ انهن تمام نبين ۽ رسولن کان وعدو ورتو تہ

لَتُؤْمِنُنَّ بِهِ وَلَتَنْصُرُنَّهُ قَالَ أَأَقْرَرْتُمْ وَأَخَذْتُمْ عَلَى ذَلِكُمْ إِصْرِي قَالُوا أَقْرَرْنَا قَالَ فَاشْهَدُوا وَأَنَا مَعَكُمْ مِنَ الشَّاهِدِينَ (81)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ توهان ضرور ان تي ايمان آڻجو ۽ ضرور ان جي مدد ڪجو. (اللّٰه) فرمايو: (اي نبيو!) ڇا توهان(هن حڪم جو اقرار ڪري ورتو ۽ هن (اقرار) تي منهنجو ڳرو ذمو ڪٽي ورتو؟ سڀني عرض ڪيو، ”اسان اقرار ڪري ورتو“ (اللّٰه) فرمايو تہ (هاڻي) هڪٻئي تي (بہ) گواهہ ٿجي وڃو ۽ مان پاڻ (بہ) توهان سان گڏ گواهن مان آهيان.

هن آيت ڪريمہ جي حوالي سان تفسير نعيمي ۾ آهي: سڀ انبياءِ ڪرام حضور صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نائب آهن ۽ هميشہ کان حضور صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موجودگي سڀني جي اصل آهي. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مطلق حقيقي رسول آهن، باقي تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام سندن تابع آهن، انهيءَ ڪري سڀني نبين سڀڱورن طرفان سندن نبوت جو اقرار ڪيو ويو، هن مان خبر پئي، پيارا نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني نبين جا بہ نبي آهن.

(تفسيرِ نعيمى ، پاره:3،آلِ عمران، زيرِ آيت:81، جلد:3، صفحہ:596ملتقطًا۔)

الله! الله! هي آهي اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان رسالت ۾ هيڪڙائي..!! ٻيا نبي بہ ڪوڙ آهن. رسول ٻيا بہ ڪوڙ آهن پر اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي عظيم الشّان نبي ۽ عظيم

الشان رسول آهن جو جن نبين کي نبوت ۽ جن رسولن کي رسالت عطا ٿي آهي، اها نبوت ۽ رسالت بلکل حقيقي ۽ اصلي هئي پر اها رسالت ۽ نبوت محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ عطا ٿي آهي، انهي کري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم کي خصوصيت سان الرّسُوۡل چيو ويندو آهي.

شهزاده اعلي حضرت مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

تُو ہے مظہر رَبِّ اَجمل، ظِلّ ہیں تیرے سارے مرسل

کون ہے ہم سر تیرا شاہا صَلَّى اللهُ عَلَيۡكَ وَسَلَّم

وضاحت: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم اوهان الله پاڪ جا مظهر آهيو، تمام نبي ۽ رسول اوهان جو سايو آهن، پوءِ ڀلا ڪير آهي جيڪو اوهان جي برابر ٿي سگهي؟ اوهان تي درود ۽ سلام هجن

## شانِ رسالت جي هيڪڙائي

اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه به ڇا ته خوب لکيو آهي:

سب سے اَوّل سب سے آخر
ابتداء ہو انتہاء ہو

تھے وسیلے سب نبی تم
اَصلِ مقصودِ ہُدا ہو

پاک کرنے کو وُضو تھے
تم نمازِ جانفزا ہو

سب بشارت کی اذاں تھے
تم اذاں کا مُدّعا ہو

قُربِ حق کی منزلیں تھے
تم سفر کا منتہیٰ ہو

سب تمہارے دَر کے رستے
ایک تم راہِ خُدا ہو

سب کی ہے تم تک رسائی
بارگاہ تک تم رسا ہو

يعني❁ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني کان اَوّل نبي بہ اوهان آهيو جو اڃا حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تخليق ئي نہ ٿي هئي تہ اوهان کي نبوت عطا ڪئي وئي هئي. آخري نبي بہ اوهان آهيو، نبوت ۽ رسالت جي ابتداء بہ اوهان کان آهي، انتها بہ اوهان کان آهي. ❁سڀئي نبي وسيلا هئا، هدايت جو اصل مقصد اوهان آهيو. ❁ جيئن نماز پڙهڻي هجي تہ پهريان وضُو ڪندا آهيون، ايئن ئي پهريان جيترا نبي تشريف ڪٺي آيا، سڀئي ڄڻ تہ وضو هئا جيڪي مخلوق کي پاڪ ڪندا آيا، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان ڄڻ اها نماز آهيو جنهن جي لاءِ هاڻي تائين زماني کي وضو ڪرايو پئي ويو. ❁ سڀئي نبي خوش خبريون ئي ڏيندا آيا، سڀئي نبي پنهنجي اُمّتن کي هي ٻڌائيندا پئي آيا تہ انسانو! عنقريب هڪ نبي تشريف ڪٺي اچڻ وارا آهن، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀئي نبي جنهن جي اچڻ جو اعلان ڪري رهيا هئا، اوهان ان اعلان جا مقصد آهيو. ❁ جيئن ڪٿي طويل سفر تي وڃڻو هجي تہ رستي ۾ ڪيئي جڳهين تان گذرڻو پوندو آهي، ڪيئي هنڌن تي ويهڻو پوندو آهي، ايئن ئي يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي قرب جي سفر ۾ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڄڻ تہ رستي جون منزلون هئا، اوهان هن سفر جي آخري منزل آهيو. ❁ سڀئي نبي هي ٻڌائڻ آيا تہ هڪ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف ڪٺي اچڻ وارا آهن، اسان کان ان تي ايمان آڻڻ جو وعدو ورتو ويو، اي انسانو! توهان انهن جو زمانو ماڻيو تہ انهن تي ايمان آڻجو. يعني سڀئي اوهان جي در جو رستو ٻڌائيندا رهيا، اوهان آهيو جيڪي راهِ خدا آهيو.

سُبْحٰنَ الله! هي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ رسالت آهي..!! باقي جيڪي 313 رسول آهن، اهي بہ حقيقي ۽ اصلي رسول آهن، انهن جي رسالت ۾ بہ ڪنهن قسم جو ڪو نقص يا عيب وغيره معاذالله! ناهي پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو شان آهي جو باقي سڀني کي جيڪا رسالت ملي اها پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ ملي پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي

الله پاڪ بلاواسطہ رسالت عطا فرمائي آهي، انهيءَ ڪري سندن نالو پاڪ اَلرَّسُول آهي.

لَا وَرَبِّ الْعَرْش جس کو جو مِلا اُن سے مِلا | بٹتی ہے کونین میں نعمت رسول اللہ کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) مبارڪ نالو: رءوْف ورحيم

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپاري 11، سورت توبہ، آيت نمبر 128 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| بِالْمُؤْمِنِیْنَ رَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۲۸﴾ (پارہ:11،التوبہ:128) | ترجمو ڪنزالعرفان: مسلمانن تي نهايت مهربان، رحمت فرمائڻ وارا آهن. |

## رءوْف ورحيم

مفسر قرآن، مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: رَؤُف جي معنيٰ آهي مشقت ۽ مصيبت پري ڪرڻ وارو ۽ رحيم جي معنيٰ آهي: احسان فرمائڻ وارو ۽ فائديمند شيون عطا فرمائڻ وارو.

(تفسیرِ نعیمی،پارہ:11،التوبہ،زیرِ آیت:128 ،جلد:11 ،صفحہ:153 بتغیر قلیل۔)

يعني الله پاڪ فرمايو: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مومنن تي رَؤُف و رحيم آهن تہ معلوم ٿيو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غلامن کان مصيبت دور فرمائيندا آهن، مشڪلات ۾، پريشانين ۾، مشقت ۾ انهن جي مدد فرمائيندا آهن ۽ گڏوگڏ احسان فرمائي ڪين فائديمند شيون عطا فرمائيندا آهن.

مؤمن ہوں مؤمنوں پہ رَءُوْف ورَحیم ہو
سائِل ہوں سائِلوں کو خوشی لَانَہَر کی ہے

# اسان اوهان کي راضي ڪري ڇڏينداسين

حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا تہ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن پاڪ جي هي آيت تلاوت فرمائي جنهن ۾ آهي تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي حضور عرض ڪندا:

اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَ اِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۱۸﴾

(پاره:7،المائده:118)

ترجمو ڪنز العرفان: جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڏين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن کي بخشي ڇڏين تہ بيشڪ تون ئي غلبي وارو، حڪمت وارو آهين.

هي آيت تلاوت ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي گريہ طاري ٿي ويو ۽ پنهنجا هٿ مبارڪ کڻي دعا ڪيائون: اي الله پاڪ! منهنجي اُمت، منهنجي اُمت. الله پاڪ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام کي حڪم ڏنو تہ توهان منهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ وڃو ۽ انهن کان پڇو جڏهن تہ توهان جو رب خوب ڄاڻي ٿو پر انهن کان پڇيو تہ روئڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام حڪم مطابق حاضر ٿي پڇيا ڪيائون تہ رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي سمورو حال ٻڌايو ۽ غمِ اُمّت جو اظهار ڪيائون. حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلام بارگاه الٰهي ۾ عرض ڪيو تہ اي الله ڪريم! تنهنجا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي پيا چون. الله پاڪ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام کي حڪم ڏنو تہ وڃو ۽ منهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي چئو تہ اسان اوهان کي اوهان جي اُمّت جي باري ۾ عنقريب راضي ڪنداسين ۽ اوهان جي قلب مبارڪ کي رنجيده نہ ٿيڻ ڏينداسين.

(مسلم، ڪتاب الايمان، باب دعاء النبیؐ لامّتہ وبکائہ...الخ،صفحہ:99 ،حديث:202 ملتقطًا۔)

تم دِل کے لئے قرار آقا
تم راحتِ جانِ زار آقا

بندے ہیں گنہگار بندے
آقا ہے کرم شعار آقا

آرام سے سوئیں ہم کمینے
جاگا کریں باوقار آقا

ایسا تو کہیں سنا نہ دیکھا
بندوں کا اُٹھائیں بار آقا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب      صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4) اسم مبارڪ: اُمّي

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پيارو نالو آهي: اُمّي. وڏو مشهور و معروف نالو آهي، قرآن ڪريم ۾ به پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هي نالو پاڪ آيو آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَّذِیۡنَ یَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِیَّ الۡاُمِّیَّ
(پاره:9، الاعراف:157)

ترجمو ڪنز العرفان: اهي جيڪي ان رسول جي پيروي ڪن جيڪي غيب جون خبرون ڏيڻ وارا آهن، جيڪي ڪنهن کان پڙهيل ناهن،

لفظ اُمّي جي معنيٰ آهي: اڻ پڙهيل. يعني اهو شخص جنهن دنيا ۾ ڪنهن وٽ پڙهيو لکيو نه هجي. هي ڏاڍي نرالي ڳالهه آهي، اڻ پڙهيل هجڻ، لکڻ پڙهڻ نه سکڻ جيڪڏهن اسان جي حق ۾ هجي ته هي عيب آهي پر اُمي هجڻ اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تمام وڏو شان آهي. هن هڪڙي پياري نالي ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجو ڪيڏو نه شان ۽ عظمت هن هڪ مبارڪ نالي ۾موجود آهي، اچو ٻڌون ٿا:

## بي مثل ۽ بي مثال نبي

ستين صدي هجري جا بُزرگ حضرت علاّمہ فخرالدين حَرّالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: لفظ اُمّي جو مطلب هي آهي تہ الله پاڪ سيني ماڻهن کي جنهن فطرت تي پيدا فرمايو، اسان جي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن سيني کان جُداگانہ، بي مثل و بيمثال فطرت تي پيدا فرمايو آهي.

(ابداء الخفا فی شرح اسماء المصطفیٰ، اسمہ الامی، صفحہ:248خلاصتہً)

مطلب هي آهي تہ هن دنيا ۾ جيڪي بہ ماڻهو آيا آهن، سيني جي فطرت ۾ لکڻ پڙهڻ رکيو ويو آهي، اوهان پنهنجي گهرن ۾ ڏٺو هوندو تہ ٻار جڏهن ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي، شين کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لڳندو آهي تہ هُو ڪيترائي سوال ڪندو آهي، بابا! هي ڇا آهي؟ بابا هُو ڇا آهي؟ اَبّو! هن شيءِ کي ڇا چوندا آهن؟ اَبّو! هوءَ شيءِ ڪهڙي ڪم ايندي آهي؟ اهڙي طرح ٻار ڪيترائي سوال پڇندو آهي، بعض اوقات تہ هڪ ئي ساهہ ۾ ڪيئي سوالات پڇي وٺندو آهي، اهو هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هن دنيا ۾ هر شخص جي فطرت ۾ سکڻ رکيو ويو آهي، جيڪو بہ دنيا ۾ ايندو آهي، اهو هتي اچي ڪري پڙهڻ سکڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر قربان وڃو! اها منهنجي ۽ اوهان جي آقا، بي مثل و بي مثال نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي بيمثال فطرت آهي جو الله پاڪ سندن فطرت مبارڪ ۾ سکڻ نہ بلڪ سيکارڻ رکيو آهي.

## منهنجا آقا هر لحاظ کان بي مثل آهن

الله اڪبر! ڇا شان آهي منهنجي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو، الله پاڪ پاڻ سڳورن کي بيشمار مرتبا عطا فرمايا آهن ۽ هر مرتبي ۽ شان ۾ ڪين بي مثل و بيمثال رکيو آهي. ❁ الله پاڪ ڪين بشر بڻايو تہ بي

مثل و بي مثال بشر بڻايو؟ الله پاڪ ڪين نبي بڻايو تہ سڀني نبين جو سردار بڻايو. الله پاڪ ڪين نور بڻايو تہ نُوري مخلوق بہ آهي، تمام ملائڪ نوري مخلوق آهن پر ٿورو معراج جي واقعي تي نظر وجهو، هڪ نور حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام آهن، هڪ نور منهنجا ۽ اوهان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، سِدرة المنتهيٰ جو مقام اچي ٿو، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪن ٿا: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هتان ڪان ٿورو بہ اڳتي وڌندس تہ منهنجا پَر سڙي ويندا، ٿورو غور ڪيو، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام بہ نور آهن، پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ نور آهن، هڪ اهو نُور آهي تہ ٿورو اڳتي وڌي تہ پَر سڙن ٿا، هڪ اهو مبارڪ نُور آهي جو اڳتي وڃي تہ جسم مبارڪ تي پاتل ڪپڙن کي بہ تَتُو نٿو اچي. الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بي مثل و بي مثال نور بڻايو آهي ۽ شان ڏسو! دنيا ۾ هر هڪ کي جنهن فطرت تي پيدا ڪيو ويو، ربّ ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فطرت بہ سڀني کان جدا عطا فرمائي آهي. سڀني جي فطرت ۾ سکڻ رکيو، محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فطرت ۾ اُمّي هجڻ جو شان رکيو، جو پاڻ سکن تہ ڪنهن کان نٿا، سيکارين سڀني کي ٿا.

| | |
|---|---|
| عالِمِ عِلمِ لدُنی آپ کو حق نے کیا | حال سب روشن ہے تم پر رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِیْن |
| بے پڑھے عالِم نے ہر عالَم پہ عِلم القا کئے | عِلمِ غیبِ حق کے مظہر رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِیْن |
| ہے نہ کوئی تیرا ثانی اور نہ ہو گا تا اَبَد | ہر صفت میں سب سے بڑھ کر رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِیْن |

(قبالہ بخشش)

وضاحت: اي تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي اچڻ وارا محبوب نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ ڪين خاص علم لُدني عطا فرمايو، سندن تي تمام حالات روشن آهن، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي امي آهن جو دنيا ۾ ڪنهن کان ڪجھ نہ پڙهيو، نہ سکيو، ان جي باوجود علم اهڙو ڪمال آهي جو سيئي علماء سندن ئي جي

علم کان روشني ونن ٿا، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي علم غيب جا مظهر آهن، مطلب ته اي بي مثل محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جو نه ڪو مثل آهي نه ئي ڪڏهن ٿيندو، اوهان پنهنجي هر صفت ۾، هر خوبي ۾ سيني کان وڌيڪ، بي مثل ۽ بي مثال آهيو.

## هر شيءِ روشن ٿي وئي

حضرت مُعَاذ بن جَبَل رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا : هڪ ڀيري فجر جي نماز جو وقت هيو، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معمول کان علاوه ٿوري دير ڪري آيا، فجر جي نماز پڙهائي، پوءِ فرمايائون: مان رات اٿيس، نوافل ادا ڪيا، نماز جي دوران مون کي ننڊ اچي وئي ته مون خواب جي حالت ۾ پنهنجي ربّ پاڪ کي نهايت حسين صُورت ۾ ڏٺو، مون ڏٺو ته الله پاڪ پنهنجو هٿ مبارڪ(جيئن سندس شان جي لائق آهي) منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو، ايستائين جو مون ان جي ٿڌاڻ پنهنجي سيني تي محسوس ڪئي، پوءِ ربّ ڪريم جو (سندس شان جي لائق) هٿ مبارڪ جيئن ئي مون پنهنجي سيني تي محسوس ڪيو، ته منهنجي ڪيفيت ايئن ٿي وئي جو فَتَجَلّٰى لِیْ کُلُّ شَیْءٍ وَ عَرَفْتُ مون تي هر شيءِ روشن ٿي وئي مون ڪيس سڃاڻي ورتو.(ترمذی،کتاب تفسیر القرآن،باب ومن سورۃ ص،صفحہ:747 ،حدیث:3235 ملتقطًا۔) هڪ روايت ۾ آهي: پوءِ مون جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ آسمان ۾ آهي سڀ ڄاڻي ورتو.

(علمی مقالات، ج۲، ص:۲۲)

سُبْحٰنَ الله! هي آهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّي هجڻ جو شان..!! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي بلند رتبي جا مالڪ آهن جو ڪين دنيا ۾ سکڻ جي لاءِ نه بلڪ سيکارڻ جي لاءِ تشريف ڪٺي آيا، سندن ڪجھ ئي گهڙين ۾ حاصل ٿيڻ واري علم جو عالم اهو آهي جو زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ سندن تي روشن ٿي ويندي آهي.

هاڻي ٿورو سوچيو! سچي حياتي مبارڪ جي علم جو ڇا شان هوندو..!!

بھرے اس میں اسرار و عِلْمِ دوعالَم | کشادہ کیا حق نے سینہ تمہارا
(قباله بخشش)

## پياري آقا جو نرالو علم مبارڪ

حضرت حُذيفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صحابي رسول آهن، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي وچ ۾ بيٺا ۽ بيان فرمائڻ لڳا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي سڀ ڪجھ ٻڌايو، ايستائين جو قيامت قائم ٿيڻ تائين جا واقعا ٻڌائي ڇڏيا.

حضرت حُذيفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيئن ڪو انسان ڪنهن پراڻي واقفڪار کي ڏسندو آهي ته ان کي اوچتو محسوس ٿيندو آهي ته مون ڪيس ڪٿي ڏٺو آهي. پوءِ ٿورو ذهن تي زور ڏيڻ سان ياد اچي ويندو آهي، ان واقعي ڪان پوءِ منهنجي حالت اهائي ٿي وئي هئي، مان جڏهن به ڪو نئون معاملو ڏسندو هيس ته ائين لڳندو هيو ته مون هي ڪٿي ٻڌو آهي. پوءِ جڏهن غور ڪندو هئس ته ياد ايندو هو ته ها! اُن ڏينهن محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ڳالھ اسان کي ٻڌائي هئي.

(مسلم،کتاب الفتن و اشراط الساعۃ،باب اخبار النبی ...الخ،صفحہ:1107،حدیث:2891 خلاصۃً)

ہر ذرّہ پر تیری نظر ہے، ہر قطرہ کی تجھ کو خبر ہے
ہو عِلْمِ لَدُنِی کے تم دانا صَلَّی اللهُ عَلَیْكَ وَسَلَّم
عیب سے تم کو پاک کیا ہے غیب کا تم کو عِلْم دیا ہے
اور خود حق بھی تم سے چھپا کیا صَلَّی اللهُ عَلَیْكَ وَسَلَّم

سامانِ بخشش، صفحہ:108۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5) اسم مبارڪ: مُلَاذ

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن نالن مان هڪ پيارو نالو مُلَاذ بہ آهي. مُلَاذ جي معنيٰ آهي: پناهہ ڏيڻ وارو. (سبل الهدیٰ) يعني مشڪل ۾، پريشاني ۾، مصيبت ۾، گهٻراهٽ ۾ جنهن جي پناهہ ورتي وڃي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجي ۽ اوهان جي نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله پاڪ سڄي مخلوق جي لاءِ پناهہ گاهہ بڻايو آهي، صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان جو هي عام معمول هيو، انهن کي جڏهن بہ ڪا مشڪل پيش ايندي هئي تہ رسول ذيشان، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پناهہ وٺندا هئا، ڪنهن جي آمدني ۾ تنگي ٿي ويندي هئي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پهچي ويندو هو، ڪنهن کان خطا ٿي ويندي هئي تہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پناهہ وٺندو هو، ڪنهن جي اک نڪري ويندي هئي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ پڄي ويندو هو، مطلب تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان جو عام معمول هيو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پناهہ حاصل ڪندا هئا.

## روزي جو نرالو ڪفارو

بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي، صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين، ايتري ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسولَ الله! هَلَكْتُ يعني يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هلاڪ ٿي ويس(هاڻي ڏسو! ان صحابي سڳوري تي مشڪل آئي هئي، تہ پناهہ وٺڻ جي لاءِ محبوب جي دروازي تي حاضر ٿيا) رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ڇا ٿيو؟ عرض ڪيائين: يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !

مون فرض روزو ٽوڙي ڇڏيو آهي. فرمايائون: ڇا توهان ان جي ڪفاري ۾ غلام آزاد ڪري سگهو ٿا؟ عرض ڪيائين: نه، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم مان ان جي گنجائش نٿو رکان. ارشاد فرمايو: ڇا تون لاڳيتو 2 مهينن جا روزا رکي سگهين ٿو؟ عرض ڪيائين: ان جي به طاقت نٿو رکان. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم وري فرمايو: پوءِ 60 مسڪينن کي کاڌو کارائي سگهين ٿو؟ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ! ان جي به استطاعت ناهي.

(روزي جي ڪفاري جا هي ٽي ئي درجا آهن، جيڪو انسان فرض روزو ٽوڙي ۽ ڪفاري جا شرط پاتا وڃن ته انهن ٽنهي مان ئي ڪنهن هڪ تي عمل ڪرڻو هوندو آهي ۽ هي صحابي رسول آهي، جيڪو انهن مان ڪنهن تي به عمل ڪرڻ جي طاقت نٿو رکي پر قربان وڃو! الله پاڪ جي فرض ڪيل عبادت مڪمل نه ٿي ته پناهه ڪٿي ورتي؟ پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ پناهه ورتي. هتي جيڪو پناهه وٺندو آهي جهولي ڀري ويندو آهي، جيئن ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم انهن کي ٽن مان هڪ تي عمل ڪرڻ جو فرمايو، هي انهن ٽنهي مان ڪنهن تي به عمل ڪرڻ جي طاقت نه رکندو هو ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم خاموش ٿي ويا)

ٿوري دير کان پوءِ ڪجورن جي هڪ ٽوڪري حاضر ڪئي وئي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهو روزو ٽوڙڻ وارو ڪاٿي آهي؟ عرض ڪيائين: مان هتي ئي آهيان. فرمايائون: خُذْ هٰذَا فَتَصَدَّقْ بِهٖ هي ڪجورن جي ٽوڪري وٺو ۽ ان کي صدقو ڪري روزي جو ڪفارو ادا ڪيو! هاڻي ان کان اڳتي جيڪو حديث شريف جو حصو اچي ٿو اهو نهايت ايمان افروز آهي، ان صحابي عرض ڪيو: اَعَلٰى اَفْقَرُ مِنِّي يَارَسُوْلَ الله! يعني يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! سڄي مديني ۾ جيڪو ٻانهو مون سان گهڻ مال وارو هجي، ان تي صدقو ڪرڻو آهي؟ (ان جي چوڻ

جو مقصد هي هو تہ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صدقي جو سيني کان وڌيڪ مستحق تہ مان آهيان). اها ڳالھ ٻڌي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوب مرڪيا، پوءِ فرمايائون: اَطْعِمْهُ اَهْلَكَ هي کجورون پنهنجي گھر وارن ئي کي کارائي ڇڏيو..!!

(بخاری،کتاب الصوم، باب اذا جامع فی رمضان...الخ،صفحہ:511 ،حدیث:1936 ملتقطًا)(بخاری، حدیث:۱۹۳۶)

سُبْحٰنَ الله! هي آهي پناهہ گاهہ..!! روزو ٽٽي پيئي تہ، ڪفارو لازم آهي، ڪفارو تہ پنهنجي ڪيسي مان ڀين کي ڏبو آهي پر ڇا شان آهي اسان جي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو، جيڪو ان در تي پناهہ وٺندو آهي، ان جي بگڙيل سنورجي ويندي آهي، پاڻ سڳورن پاڻ پنهنجي طرفان ان صحابي کي کجورون عطا ڪيون ۽ فرمايو: پنهنجي اهل خانہ کي ئي کارائي ڇڏيو توهان جي روزي جو ڪفارو ادا ٿي ويندو.

یہ بیٹھا ہے سکہ تمہاری عطا کا
کبھی ہاتھ اُٹھنے نہ پایا گدا کا
ترے بابِ عالی کے قربان جاؤں
یہ ہے دوسرا نام عرشِ خدا کا[1]

## آقا جي پناهہ وٺو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! هي اسان جي وڏي خوش نصيبي آهي جو الله پاڪ اسان جي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مُلاذ يعني پناهہ ڏيڻ وارو بڻايو آهي. تنهنڪري ❁ جڏهن بہ ڪا پريشاني ٿي. ❁مشڪل پيش اچي. ❁ مصيبت اچي. تنگدستي اچي. ❁ غربت ڇائنجي وڃي. ❁ قرض وڪوڙي وڃن. ❁ڪاروبار بند ٿي وڃي. ❁بيماريون گهيري وٺن. ❁يا خدانخواستہ ڪو گناهہ ٿي وڃي. ❁نفس و شيطان پنهنجي چار ۾ ڦاسائي ڇڏي. ❁دنيا جي محبت دل ۾ مبتلا ٿي وڃو، مطلب تہ: ننڍي وڏي، دنياوي ديني کهڙي بہ پريشاني اچي،

---

1... ذوقِ نعت، صفحہ:55-58 ملتقطًا۔

محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پناهہ وٺڻ جي عادت ٻڌايو! الحمدلله! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڀني کي نوازيندا آهن، سڀني جي ٻڌندا آهن، سڀني کي پناهہ ڏيندا آهن، سڀني کي ئي پنهنجي رحمت جي دامن ۾ لڪائيندا آهن.

وہ ہیں اللہ والے جو تجھے والی کہیں اپنا
کہ تُو اللہ والا ہے ترا اللہ والی ہے

فقیر و بے نوا اپنی اپنی جھولیاں بھر لو
کہ باڑا بٹ رہا ہے فیض پر سرکارِ عالی ہے

نکالا کب کسی کو بزمِ فیضِ عام سے تم نے
نکالی ہے تو آنے والوں کی حسرت نکالی ہے

روايتن ۾ موجود آهي تہ انسان تہ انسان جانور بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پناهہ وٺندا هئا. ❁هرڻي هتي ئي اچي فرياد ڪيو. ❁ ڳيري هتي اچي پنهنجي ٻارن جي لاءِ عرض پيش ڪئي. ❁ اُٺ پنهنجي مالڪ جي شڪايت ڪٽي هتي ئي حاضر ٿيو، جڏهن الله پاڪ جي هي بي زبان مخلوق ڄاڻي ٿي تہ اسان جي پناهہ گاهہ هي ئي دربار آهي پوءِ اسان تہ عقل و شعور رکڻ وارا انسان آهيون، پنهنجي آقا و موليٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ وارا غلام آهيون، اسان ضرور پناهہ وٺنداسين.

مانگیں گے، مانگے جائیں گے، منہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ لا نہ حاجت اگر کی ہے

## توهان ٻن ڏينهن ۾ مڪي پڄي ويندؤ

امام عبدالرحمٰن جزولي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: 645 هجري جي ڳالهہ آهي، اسان سامونڊي رستي کان مڪي شريف وڃي رهيا هئاسين، هڪ ڏينهن عصر جي نماز کان بعد اوچتو تيز هوا لڳي، سمنڊ ڇوليون ڏيڻ لڳو، ڪجهہ ئي دير ۾ سڄ بہ لهي ويو، هاڻي طوفاني سمنڊ، چؤطرف اونداهي ئي اونداهي هئي اسان

ڪي نڪي رستو ملي رهيو هو، نہ ئي طوفان رڪجي رهيو هو، آڌي رات ڪان بعد طوفان ويتر تيز ٿي ويو، هاڻي تہ اسان موت جو يقين ئي ڪري ڇڏيو هيو، ان وقت اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ فرياد ڪئي، هاڻي ڪجهہ ئي گهڙيون گذريون هيون تہ هڪ شخص جنهن جي اک لڳي وئي هئي، اهو خوشي مان اٿيو ۽ چيائين: خوش ٿي وڃو،،،!! مون کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي آهي، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان کي سلامتي جي خوشخبري آهي، توهان ٻن ڏينهن ۾ مڪي پهچي ويندؤ.

شيخ جزولي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان کي جهڙي خوشخبري ڏني وئي هئي بلڪل ايئن ئي ٿيو، الحمدلله! اسان ٻن ڏينهن کان بعد مڪي شريف صحيح سلامت پهچي وياسين.

(شواہد الحق للنبہانی،الفصل الثانی فی ذکر من استغاث بہ...الخ، صفحہ: 232ملتقطًا۔)

بے سہاروں کے سہارے ہیں حُضُور
حامی ویاوَر ہمارے ہیں حُضُور

ہم غریبوں پر کرم فرمایئے!
بد نصیبوں پر کرم فرمایئے!

اپنے بندوں کی مدد فرمایئے!
پیارے حامی مسکراتے آیئے!

## ڪنهن شيءِ کان نہ ڊڄو...!!

شيخ صفي الدين ابوعبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ملڪ شام کان مصر ڏانهن وڃي رهيو هئس، اهو وقت فرنگين جي فتني جو هو، رستي ۾ گهڻا خطرا هئا، مان ڊڄي رهيو هيس، انهي دوران مان ڪنهن هنڌ وينو هيس تہ منهنجي اک لڳي وئي، اک ڇا بند ٿي منهنجي قسمت جاڳي پئي، خواب ۾ پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا مون ادب مان عرض ڪيو:

يارسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي پناهه ۾ اچان ٿو. فرمايائون: ڪنهن شيءِ کان نه ڊڄو...!! مون ٿي ڀيرا اهو ئي عرض ڪيو: پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ٽئي ڀيرا اهو ئي فرمايو: ڪنهن شيءِ کان نه ڊڄو..!! پوءِ منهنجي اک کُلي وئي، مون پنهنجو سفر شروع ڪيو، اَلحَمدُلله! مون کي سڄي واٽ ڪا مشڪل پيش نه آئي جڏهن ته مون کان الڳ اچڻ وارن کي ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو.

(شواہد الحق للنبہانی، ص: 232)

يَا اَكْرَمَ الْخَلْقِ مَالِيْ مَنْ اَلُوْذُ بِهٖ

سِوَاكَ عِنْدَ حُلُوْلِ الْحَادِثِ الْعَمَمِ

(دیوانِ بوصیری، قافیۃ المیم، قصیدہ بردہ، صفحہ:173۔)

وضاحت: علامه بُوصيري بارگاهه رسالت ۾ عرض ڪري رهيا آهن: اي سڀني کان وڏيڪ عزت وارا نبي! مصيبتن جي ڇانئجي وڃڻ وقت اوهان کان سواءِ منهنجو ڪوبه نه آهي جنهن جي مان پناهه وٺان.

## ٽي پيارا نالا

پيارا اسلامي ڀائرو! منهنجي ڪريم آقا، رحيم آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري نالن جو ذڪر ڪندي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ﴿۴۵﴾ (پاره:22،الاحزاب:45) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي نبي! بيشڪ اسان توکي گواهه ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي موڪليو. |

هي رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جا 3 مبارڪ نالا آهن: (1) شاهد (2) مبشر (3) نذير ۞ شاهد جي معنيٰ آهي: گواهه. ۽ گواهه اهوئي هوندو آهي جيڪو موجود به هجي ۽ ڏسي به رهيو هجي، يعني حاضر به هجي، ناظر به هجي،

جڏهن ته الله پاڪ فرمائي رهيو آهي ته اي محبوب! اسان توهان کي شاهد بڻائي موڪليو يعني اسان توهان کي حاضر به بڻايو، ناظر به بڻايو ته خبر پئي پيارا آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مزار مبارڪ ۾ تشريف فرما آهن، حيات آهن ۽ پنهنجي سڄي اُمت کي ڏسي به رهيا آهن، پوءِ جڏهن چاهيندا آهن، جتي چاهيندا آهن تشريف به وٺي ويندا آهن.

اُمَّت کے حال سے وہ آگاہ ہر گھڑی ہیں | خوابوں میں آرہے ہیں بگڑی بنا رہے ہیں

❁ انهي طرح پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پيارو نالو: مُبَشِّر يعني خوشخبري ٻڌائڻ وارو، اَلحَمدُلله! منهنجي محبوب آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش خبريون ٻڌائڻ وارا آهن، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهلِ ايمان کي جنت جون خوشخبريون ٻڌائڻ وارا آهن، الله پاڪ جي رضا جي خوشخبري ٻڌائڻ وارا آهن، جيڪي نمازي آهن، جيڪي روزا رکڻ وارا آهن، جيڪي نيڪ ڪم ڪرڻ وارا آهن، جيڪي چڱائي جي راهه تي هلندڙ آهن، منهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي دنيا ۾ ڀلائي جون خوشخبريون ٻڌايون، سڪرات ۾ آساني جون خوشخبريون ٻڌايون، حشر ۾ حساب جي وقت، پلصراط تي سلامتي جون خوش خبريون ٻڌايون، ۽ هي به خوش خبري ٻڌائي ته جيڪي الله ۽ رسول جي احڪام تي عمل ڪرڻ وارا آهن، الله پاڪ پنهنجي رحمت سان انهن کي جنّت به عطا فرمائيندو ۽ جنت ۾ پنهنجو ديدار به عطا فرمائيندو.

❁ اهڙي طرح رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پيارو پيارو نالو نَذِيْر به آهي. يعني ڊيڄارڻ وارا نبي. اسان جي آقا و موليٰ، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڊيڄارين ٿا، ڪنهن کي؟ غيرمسلن کي، نافرمانن کي جيڪي الله ۽ رسول جي نافرماني ڪن ٿا، نيڪي جو رستو ڇڏي ڪري گناهن جو رستو

اپنائن ٿا، نمازون ناهن پڙهندا، بلاعذر روزا ڇڏي ڏين ٿا، ٻين کي تڪليف پهچائن ٿا، وياج جو ڏيڻ وٺڻ ڪن ٿا، ٻين جي مال تي ناحق قبضو ڄمائن ٿا، الله پاڪ کان ناهن ڊڄندا، قرآن و سُنت جي مخالفت ڪندا آهن، غير مسلمن جي رستي هلندا آهن، منهنجي نبي، پياري نبي، چڱي نبي، سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي جهنم کان ڊيڄاريو، قبر ۽ آخرت جي عذاب کان ڊيڄاريو ۽ اهو واضح ڪري بيان ڪيو ته قيامت جي ڏينهن فرمانبردارن جا مزا هوندا جڏهن ته نافرمان دردناڪ عذاب جو مزو چکيندا.

الله پاڪ جي پناهه! الله پاڪ جي پناهه..!! الله ڪريم اسان کي پنهنجو فرمانبردار ٻانهو بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي،

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| بندہ تمہارے در کا آفت میں مبتلا ہے | رحم اے حبیبِ داور! تم پر سلام ہر دَم |
| للہ اب ہماری فریاد کو پہنچیے | بے حد ہے حال اَبتر تم پر سلام ہر دَم |
| جلّادِ نفسِ بد سے دیجے مجھے رہائی | اب ہے گلے پہ خنجر تم پر سلام ہر دم |

## (6) اسم پاڪ: داعِي اِلَي الله!

پيارا اسلامي ڀائرو! منهنجي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پيارو پيارو نالو دَاعِيْ اِلَى الله به آهي. يعني پاڻ سڳورا ماڻهن کي الله پاڪ جي طرف سڏڻ وارا آهن.

اَلحَمْدُلله! اسان جي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غير مسلمن کي اسلام جي طرف سڏيو، گنهگارن کي نيڪي جي طرف سڏيو، ڀٽڪيلن کي هدايت جي طرف سڏيو (سبل الهدیٰ و الرشاد،الباب الثالث فی ذکر ما وقفت علیہ

...الخ، جلد:1، صفحه:458 خلاصةً) ۾ سيني کي سڌي ڪري الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ڪيو.

یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں
یہ حق کے بندوں کو حق سے ملانے آئے ہیں
یہ بھولے بچھڑوں کو رستے پہ لانے آئے ہیں
یہ بھولے بھٹکوں کو ہادِی بنانے آئے ہیں
چمک سے اپنی جہاں کو جگمگانے آئے ہیں
مہک سے اپنی یہ کُوچے بسانے آئے ہیں
یہی تو سوتے ہوؤں کو جگانے آئے ہیں
یہی تو روتے ہوؤں کو ہنسانے آئے ہیں[1]

ڪاش! اسان بہ پنھنجي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سيرت اپنايون، پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري نالي دَاعِي اِلَى اللهجو فيضان ماڻيندي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

اَلحَمْدُلله! توهان جي دعوت اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري، پياري آقا جي پياري نالي دَاعِي اِلَى الله جو فيضان ميڙڻ واري ۽ ٻين تائين ھي فيضان پھچائڻ واري تحريڪ آھي. الحمدلله! ❁ دعوت اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪندي آھي. ❁غير مسلمن کي اسلام جي دعوت ڏئي ڪري مسلمان بڻائيندي آھي. ❁گنھگارن کي نيڪي جي دعوت ڏئي ڪري نيڪ رستي جو مسافر بڻائيندي آھي. ❁ دعوت اسلامي اَمن جو درس ڏيندي آھي. دعوت اسلامي اصلاح جي طرف سڏيندي آھي. ❁دعوت اسلامي اسان کي چڱو انسان. چڱو پاءُ. ❁ چڱو والد. ❁چڱو مڙس. ❁چڱو پاڙيسري. ❁ چڱو شھري. ❁ چڱو مسلمان. ❁سنو امتي بڻجڻ جي ترغيب ڏياريندي آھي. ❁ توهان بہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنت کي اپنايو! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو، خوب اڳتي وڌي 12 ديني

[1] ...سامانِ بخشش، صفحہ:137- 138 ملتقطاً۔

ڪمن ۾ حصو ونو! ✿ مسجد ۾، گهر ۾، چوڪ ۽ بازار ۾ درس ڏيو!. ✿ نماز فجر جي لاءِ جاڳايو! فجر جي نماز کان بعد تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳايو! يا ان ۾ شرڪت ئي ڪيو! ✿ هفتہ وار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪيو✿ علم دين ۾ اضافي جي خاطر هفتہ وار رسالي جو مطالعو ڪيو. علم دين سکڻ جي لاءِ وقتاً فوقتاً مدني ڪورسز بہ ڪندا رهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين و دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.

## مدني مذاڪري ۽ مدني قافلي جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول!دل ۾ عشق رسول وڌائڻ، نيڪ ٻڻجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن ماڻڻ لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ دعوت اسلامي جي ديني ڪمن ۾ اڳيرو ٿي حصو ونو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهبو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ مولانا ابو محمد بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي نماز عشاء کان پوءِ مدني چينل تي براہ راست (Live)مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، جنهن ۾ بيشمار عاشقانِ رسول عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (ڪراچي) ۾ حاضر ٿي ڪري عِلمِ دين جون برڪتون حاصل ڪندا آهن. هزارين عاشقانِ رسول پنهنجي شهرن/علائقن ۾ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرو ڏسڻ جو اهتمام ڪندا آهن ۽ مدني چينل، سوشل ميڊيا (مثلاً يوٽيوب، فيس بڪ وغيره) جي ذريعي تہ نہ ڄاڻ دنيا ۾ ڪٿي ڪٿي مدني مذاڪرو ڏٺو ويندو آهي. توهان بہ پابندي سان

مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! علم دين سکڻ لاءِ ملندو ۽ دين و دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.

اڄوڪي دور ۾ نيڪ نمازي بڻجڻ، سنتون سکڻ ۽ دين جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي وارن عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ بہ انتهائي مفيد آهي. الحمدُلله! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن ۽ 12 مهينن جا مدني قافلا وقت بہ وقت سفر ڪندا رهندا آهن. توهان بہ مدني قافلن جا مسافر بڻجو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اَخلاق سڌرندا، نيڪين جو رجحان وڌندو، عشقِ رسول جي دولت نصيب ٿيندي ۽ زندگي ۾ انقلاب برپا ٿي ويندو.اچو!ترغيب جي لاءِ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## دل جي حالت تبديل ٿي وئي

فيصل آباد (پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءِ جي بيان جو نچوڙ آهي. دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان خراب ڪردار جو مالڪ هيس ڪوڙ غيبت چغلي بري نظر جهڙا گناهہ منهنجي روزانو جو حصو هئا مارشل آرٽ سکيل هيس جنهن سبب ماڻهن کان خواهہ مخواهہ جگهڙا ڪندو هيس هر نئون فيشن (Fashion) اپنائڻ منهنجو شوق هيو آهہ!نمازن کان ايتري قدر پري هيس جو مونکي هي بہ معلوم نہ هو تہ ڪهڙي نماز جون ڪيتريون رڪعتون آهن. آخر رحمت جو دروازو کليو ۽ منهنجي قسمت ائين چمڪي جو دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان لاڳاپيل هڪ اسلامي ڀاءِ مون کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني. دوست جي ڳالهہ ٽاري نہ سگهيس ۽ ٽي ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر ٿي ويس مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي زندگي جو مقصد معلوم

ٿيو پنهنجي گناهن تي شرمندگي تي منهنجي اکين کان غفلت جو پردو هٽيو. دل جي حالت تبديل ٿي؛ مون گناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳس.

دل کی کالک دُھلے مرضِ عصیاں ٹلے
آؤسب چل پڑیں قافلے میں چلو
کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے
اب نہ سستی کریں، قافلے میں چلو[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مختلف ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مَصرُوفِ عَمَل آهي. دعوتِ اسلامي I.T ڊيپارٽمنٽ جي تحت هينئر تائين ڪيترين ئي موبائل ايپلي ڪيشنون ٺاهي ڪري لانچ ڪري چڪي آهي: (1) تفسيرِصِراطُ الجنان موبائل ايپلي ڪيشن: قرآن ڪريم پڙهڻ، ان کي سمجهڻ ۽ قرآن ڪريم جو فيضان ماڻڻ جي لاءِ هڪ زبردست ۽ نرالي ايپلي ڪيشن آهي، ان جي ذريعي قرآن پاڪ ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهي ڪري قرآن جي نُور سان سينو روشن ڪري سگهجي ٿو. (2) فيضان حديث موبائل ايپلي ڪيشن: وڏي پياري ايپلي ڪيشن آهي، ان جي ذريعي توهان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون حديثون ۽ انهن جي شرح پڙهي سگهو ٿا هن وقت ايپلي ڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب مِشڪوٰةُ المَصَابِيح ۽ ان جي آسان اُردو شرح مِراٰةُ المَنَاجِيح شامل ڪيون ويون آهن، عنقريب ان ۾ حديث پاڪ جون مزيد

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669-672۔

ڪتابون بہ شامل ڪيون وينديون. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان احاديثِ ڪريمہ ڪي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج واري موضوع جو بہ مطالعو ڪري سگهو ٿا، هن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ آپشن جي سهولت بہ موجود آهي، جنهن جي ذريعي ڪا بہ حديث ۽ ان جي شرح ڳولهي سگهجي ٿي. (3) بهارِ شريعت موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ديني مسئلا پڙهي ۽ سکي سگهجن ٿا. (4) مولانا الياس قادري موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي توهان ڄاڻي سگهو ٿا: اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مختصر تعارف ❁ مختلف موضوعن تي جڙيل Category Wise مدني مذاڪري جا سوالَ ۽ انهن جا جوابَ ❁ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي آفيشل سوشل نيٽ ورڪ اڪائونٽ.

هي ايپليڪيشنز پاڻ بہ انسٽال ڪيو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ ولادت ۽ ميلاد جي جلوس متعلق مدني گُل

اي عاشقان رسول!سياڻي ٻارهين شريف آهي، پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحمَّد عربي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت آهي، اَلحمدُلِلّٰه !صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان بہ پنهنجي دور جي مطابق ولادت مصطفيٰ جي خوشي ڪئي، هن نعمت تي الله پاڪ جو شڪر بجا آندائون بلڪ پاڻ اسان جا آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ پنهنجو جشن ولادت ملهائيندا هئا بلڪ

پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ نہ سالیانو نہ بلڪ هر هفتي يعني هر سومر شريف تي روزو رکي ڪري پنهنجو جشنِ ولادت ملهائيندا هئا.

اچو! نيت ڪيون ٿا تہ اسان اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم !ڌوم ڌام سان جشن ولادت ملهائينداسين، جشنِ ولادت جي خوشي ۾ سناه، صاف سترا ڪپڙا بہ پائينداسين، تيار ٿي ڪري ميلاد جي جلوس ۾ بہ شرڪت ڪنداسين، آقا جي آمد جا نعره بہ لڳائينداسين ۽ اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم! دنيا کي ٻڌائينداسين تہ اسان جي بي مثال آقا جو جشنِ ولادت آهي، اَلحمدُلِلّٰه! اسان ان تي دل ۽ جان سان خوش بہ آهيون ۽ رَبّ ڪريم جا شڪر گذار بہ آهيون.

منانا جشنِ میلادُ النّبی ہَرگز نہ چھوڑیں گے
جلوسِ پاک میں جانا کبھی ہرگز نہ چھوڑیں گے
لگاتے جائیں گے ہم یارسولَ اللہ کے نعرے
مچانا مرحبا کی دھوم بھی ہرگز نہ چھوڑیں گے

## ميلاد جي جلوس ۾ شرڪت ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي اِن شَآءَ اللہُ! ميلاد جي جلوس ۾ بہ خوب ڌوم ڌام سان شرڪت ڪرڻي آهي ❁ ميلاد جي جلوس ۾ گاڏيون/موٽر سائيڪل/پيادل هر انداز سان ڀرپور تياري سان شرڪت ڪئي جي ❁ ميلاد جي جلوس ۾ نظم و ضبط (Discipline) جو ڀرپور مظاهرو ڪيو!❁ ميلاد جي جلوس ۾ نعتون ۽ نعرا اهي ئي هلايا وڃن جيڪي پاڪستان مشاورت آفيس مان جاري ڪيا ويا آهن * ميلاد جي جلوس ۾ هر uc/ وارڊ/ ٽائون جا نگران پنهنجا بينر الڳ سان نهرائن جنهن تي پنهنجي uc/وارڊ/ٽائون جو نالو لکيل هجي، مثلا(اقبال ٽائون، گوجرانوالا) ❁ 12 ربيعُ الاوّل جي ڏينهن ظهر کان پوءِ عصر تائين ميلاد

جي جلوس ۾ تمام ذميدارَ ۽ تمام شعبن وارا مرحبا يا مصطفيٰ جون صدائون لڳائيندا شروع کان آخر تائين شرڪت ڪن شعبي جا بہ اسلامي ڀائر پنهنجي شعبي جا بينر ڪٽي اڳيان اڳيان هلندا رهن. ان شعبي جا ٻيا اسلامي ڀائر انهن جي پويان پويان ڪنڌ کي جهڪائي، مدني پرچم ڪٽي، لبن تي نعتن جا نغما سجائيندي نهايت ئي پر وقار انداز سان شرڪت ڪن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جشن ولادت جي خوشي ۾ روزو رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادا کي ادا ڪندي جشنِ ولادت جي خوشي ۾ روزو بہ رکنداسين.
ياد رهي! هي نفلي روزو آهي، جنهن کان ٿي سگهي، طبيعت ساٿ ڏي تہ روزو رکڻ گهرجي. حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفلي روزو رکيو، اللّٰه پاڪ ان کي دوزخ کان 40 سالن (جي مسافت برابر) پري ڪري ڇڏيندو. (جمع الجوامع، جلد:7، صفحہ:190، حديث:22251۔) معجمِ ڪبير جي روايت ۾ آهي: جنهن هڪ نفلي روزو رکيو، ان لاءِ جنّت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو جنهن جو ميوو ڏاڙهون کان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو، اهو ماکي جهڙو منو ۽ ذائقيدار هوندو، اللّٰه پاڪ قيامت جي ڏينهن روزي دار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو .

(معجم ڪبير، جلد:18، صفحہ:366، حديث:935۔)

## نماز پڙهڻ جا فائدا ۽ نہ پڙهڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جشن ولادت ملهائڻ وارا بہ آهيون ۽

نمازي بہ آهيون. نماز اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اکين جي ٺڏاڻ آهي ان جي ڪري نمازن جي گهٽي مان گهٽي پابندي ڪيو. بالخصوص سياڻي ميلاد شريف جي مصروفيتن ۾ بہ نمازن جي وقتن جو خاص لحاظ ڪيو. ايئن نہ ٿئي جو ميلاد جون خوشيون ملهائڻ وارا (معاذ الله!) نمازون قضاء ڪري ويهي رهن: ❁ نماز سڀ کان اوّلين فرض آهي. ❁ نماز انڌيري قبر جو ڏيئو آهي ❁ نماز قبر جي عذاب کان بچائي ٿي ❁ نماز قيامت جي اُس ۾ ڇانوَ آهي ❁ نماز پلصراط جي لاءِ آساني آهي ❁ نماز جهنم جي عذاب کان بچائي ٿي ❁ نماز سان رحمت نازل ٿيندي آهي ❁ نماز سان گناه معاف ٿيندا آهن ❁ نماز دعائن جي قبوليت جو سبب آهي ❁ نماز بيمارين کان بچائي ٿي ❁ نماز سان بدن کي سڪون ملندو آهي ❁ نماز سان روزي ۾ برڪت پوندي آهي ❁ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان بچائيندي آهي(فيضان نماز، صفحہ:10 ملتقطاً) ❁ ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه نماز قُربِ خدا!۽ قُرب مصطفيٰ ڏياريندي آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي پڪو نمازي بڻجڻ جي توفيق ڏي. ۽ سچو عاشق رسول، پڪو ميلادي بہ بڻائي رکي.

آمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہر عبادت سے برتر عبادت نماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز

قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز
ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز

پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ
قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز

بھائیو! گر خدا کی رِضا چاہیئے
آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز

## قرآن ڪريم جي تلاوت ڪيو----!!!

اي عاشقانِ رسول!اڄ اسان جنهن جو جشنِ ولادت ملهائي رهيا آهيون تنهن تي

قرآن ڪريم نازل ٿيو، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا. هڪ روايت ۾ آهي: منهنجي اُمّت جي اَفضل عبادت قرآن جي تلاوت آهي.

( شُعَبُ الْاِيْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحه:347، حديث:2004 ـ)

لهٰذا اسان کي خوب خوب قرآن ڪريم جي تلاوت جي به عادت وجهڻ گهرجي. قرآن ڪريم جي تلاوت به ڪيو ۽ قرآن ڪريم درست پڙهڻ سکي به وٺو. بدقسمتي سان اڄ تمام گهڻي ماڻهن کي درست تَجويد ۽ مخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ نه ٿو اچي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي فيضانِ قرآن عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. قرآن ڪريم درست پڙهڻ سکڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان جو فيضان حاصل ڪيو!مدرسة المدينہ بالغان ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي تجويد سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ ئي بنيادي ضروري اَحڪام ۽ مَسائل ۽ سنتون ۽ آدابَ به سيکاريا ويندا آهن، توهان به مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪيو ۽ تجويد سان قرآن ڪريم پڙهڻ سکو.

| الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا | الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا |
|---|---|

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

اي عاشقان رسول! دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم سڄي دنيا ۾ عام ٿي رهيو آهي 80 کان وڌيڪ مختلف شعبن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ❁ دعوت اسلامي هاڻي تائين هزارين مسجدون ناهي چڪي آهي ❁ علم دين جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ هزارين مدرسة المدينہ قائم ڪري چڪي آهي ❁ لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، معلّم، عالم و مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاحِ امت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جاري آهي، لکين

عاشقانِ رسول! **مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** جي حصول جي ڪوشش ۾ لڳل آهن ❁ متعدد دارُالافتاء اهل سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن ❁ **المدينةُ العلميہ** (Islamic Research Center) ۾ مختلف موضوعن تي بي شمار ديني ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ❁ فيضانِ آن لائن اڪيڊمي (بوائز ۽ گرلز) قائم آهي جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآن پاڪ حفظ ڪرايو ويندو ۽ ناظره پڙهايو ويندو آهي، ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پچائي پئي وڃي ❁ انگلش ميڊيم اسلامڪ اسڪولنگ سسٽم بنام دارُ المدينہ جي ذريعي هزارين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ❁ مدني چينل جي ذريعي 6 وڏي سيٽلائٽس تي اُردو، انگلش ۽ بنگلہ زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي ❁ شعبي FGRF جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي. اچو!سڀ گڏجي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي هن عظيم ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيون.

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! 15 آڪٽوبر 2023 تيلي ٿون (چندو/ Donation جمع ڪرڻ جي مهم) جو سلسلو ٿيندو، پاڪستاني ڪرنسي جي مطابق 1 يونٽ 10 هزار روپئي جو هوندو، توهان بہ پنهنجي صدقات، عطيات(Donation) سان تعاون فرمايو. پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ يونٽ جمع ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ناهي ڪري هاڻي کان وٺي ان جي لاءِ رابطو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اسان سيني کي نيڪ ڪمن ۾ اڳيرو ٿي ڪري حصو وٺڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ٽيلي ٿون ۾ حصو وٺڻ وارن جي لاءِ امير اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ نهايت پياري دعا فرمائي آهي، اچو! اها دعا مان اوهان کي ٻڌايان ٿو.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ! فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقي جي ذريعي پنهنجي مريضن جو علاج ڪيو.

ياربّ المصطفيٰ! دعوت اسلامي جي تمام شعبن جي لاءِ 15 آڪٽوبر 2023 تي ٿيڻ واري ٽيلي ٿون ۾ جيڪو بہ ٽيلي ٿون کان پهريان يا بعد ۾ پنهنجي ملڪي ڪرنسي ۾ گهٽ مان گهٽ 1 يونٽ جمع ڪرائي، ان کي ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ. اهو مرندي وقت ڪلمو پڙهڻ جي سعادت ماڻي. ان جي قبر جنت جو باغ بڻجي، ياربُّ العزت! اهو بي حساب جنت ۾ داخل ٿي وڃي ۽ جيڪو وڌيڪ يونٽ جمع ڪرائي، مالڪ ڪريم ان تي وڌيڪ رحمتون نازل ٿين ۽ گڏوگڏ جنت الفردوس ۾ ان کي پياري حبيب آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻجڻ نصيب ٿي وڃي. جيڪو منهنجو مدني پٽ ۽ مدني ڌيءَ ٻين کي يونٽ جمع ڪرائڻ جي ترغيب ڏين، ان ڪم جي لاءِ تيار ڪن يا ان جي لاءِ ڪنهن بہ طريقي سان ڪوشش ڪن، انهن تمام جي حق ۾ بہ هي دعائون قبول ٿين ۽ مون گنهگار جي حَق ۾ بہ هي دعائون قبول فرماءِ .

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں | اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو!

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِیَ فِى الْجَنَّة جنهن

منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو!

(مسلم، كتابُ الطہارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرة، صفحہ:153، حديث:257۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ هميشه هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي ته گهٽ ڪرائيندا هئا ❁ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارڪ کي پري ڍڪيندي هئي.

(انوارِ جمال مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصةً)

❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❁ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي.

(بہارِ شريعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔)

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
## اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(4)

---

[1] … القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] … افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] … القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد　　　صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

---

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455